



297.9921
م 28 شت
80362

Marfat.com

Marfat.com

صلی اللہ علیہ وسلم

# الرسول

# تذکرة

سيد گل محمد شاهه بخاري

سيرت اکيڊمي
شهداد ڪوٽ

Marfat.com

297.9921
شت 28 م
٨٠٣٦٤

حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

ڪتاب: "تذڪرة الرسول ﷺ"
مصنف: سيد گل محمد شاهہ "گل" بخاري
اشاعت جو سال: ١٤٢٧هہ ـ ٢٠٠٦ع
تعداد: يارهن سؤ
ناشر: سيرت اڪيڊمي شهداد ڪوٽ
قيمت: هڪ سؤ روپيہ

297.9921

Marfat.com

١٣١٥ - ١ - ٥ - ٢٠١٥

وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِيْ
وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ
خُلِقْتَ مُبَرَّاً مِّنْ كُلِّ عَيْبِ
كَأَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَاءُ.

(حسان بن ثابت رضي الله عنه)

- (اي رسول !) منهنجي اکڙين اوهان کان وڌيک بيو ڪوبہ سهڻو نہ ڏٺو آهي.
- ۽ نہ ئي (اڄ ڏينهن تائين) ڪنهن عورت اوهان کان وڌيڪ سهڻو ٻار ڄڻيو آهي.
- اوهان کي هر عيب کان پاڪ بڻائي پيدا ڪيو ويو آهي.
- اوهان کي اهڙي طرح پيدا ڪيو ويو آهي جهڙي طرح جڻ تہ اوهان پاڻ چاهيو آهي.

Marfat.com

Marfat.com

# پيش لفظ

الحمدلله وحده والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الذي لا نبي بعده
الله رب العالمين جا لک لک احسان جو هن مونکي پنهنجي پياري حبيب محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذڪر خير ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ مون ناچيز کي نثر ۽ نظم ۾ ڪجھ ڪتابن لکڻ جي توفيق بہ نصيب ٿي آهي. انهن ڪتابن مان ڇھ ڪتاب نعت رسول ﷺ تي مشتمل آهن. جيڪي هي آهن. (١) ذڪر رسول ﷺ (٢) سرور عالم ﷺ (سنڌي ٻاونجاھ اکرن تي مشتمل رديف وار سنڌي شاعري جي تاريخ ۾ پهريون شايع ٿيل نعتيہ ديوان) (٣) سيد المرسلين ﷺ (٤) ثناءِ محمد ﷺ (٥) آب ڪوثر (سنڌي ٻاونجاھ اکرن تي رديف وار نعتيہ ديوان) (٦) صلي الله عليہ وسلم - (صلاة ۽ سلام تي مشتمل نعتيہ ڪلام لفظن جي معنيٰ ۽ مختصر سمجهاڻي سميت) - انهن مان ذڪر رسول ﷺ منهنجي نعتيہ شاعريءَ جو ابتدائي ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڏنل مواد فقط پنجن مهينن جي محنت جو نتيجو هيو. جيتوڻيڪ، عالمن، اديبن ۽ شاعرن، اليڪٽرانڪ، پرنٽ ميڊيا ۽ خطن جي ذريعي ڪتاب کي بهترين موٽ ڏني هئي. شايد منهنجي ڪنهن بہ نعتيہ ڪتاب جي حق ۾ ايترو نہ لکيو ويو، جيترو "ذڪر رسول ﷺ" جي حق ۾ - ان ڪتاب جي ذريعي ئي منهنجو سنڌي اديبن، شاعرن، عالمن، صحافين، ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڀرپور تعارف ٿيو ۽ ان سان گڏ، ٢٢ سيپٽمبر ١٩٩١ع تي وفاقي وزارت مذهبي امور حڪومت پاڪستان طرفان اسلام آباد ۾ گهرائي سابق صدر پاڪستان غلام اسحاق خان جي هٿان صدارتي ايوارڊ ۽ نقد رقم انعام طور بہ ڏني وئي، ۽ "ذڪر رسول ﷺ" کي سنڌي نعتيہ ڪتابن جي مقابلي ۾ پهريون نمبر قرار

Marfat.com

ڏنو ويو. (ياد رهي تہ مذڪوره ڪتاب کي پهريون نمبر قرار ڏئي صدارتي ايوارڊ جو حقدار هئڻ لاءِ هنن بزرگن متفقہ فيصلو ڪيو هو. (١) علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي (٢) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (٣) ڪريم بخش خالد (٤) ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ۽ (٥) مولانا پروفيسر امير الدين مهر) ليڪن تنهن هوندي بہ فني لحاظ کان ڪتاب ۾ ڪافي جاين تي دل کي مزو نہ پئي آيو. تنهنڪري ضروري سمجهيم تہ ان تي مناسب حد تائين نظرثاني ڪري خوب کان خوب تر بڻايو وڃي. پر ان سوچ تي سوچيندي سوچيندي ڪيئي سال گذري ويا. نيٺ نظرثاني جو موقعو ملي ويو.

الحمدلله ! آخرڪار اهي گهڙيون آيون آهن، جڏهن نظرثاني جا مرحلا طي ڪري اڄ پيش لفظ لکي رهيو آهيان.

ڪتاب "ذڪر رسول ﷺ" ۾ ٥ حمد ۽ مناجات ميون جن کي هن ۾ بہ شامل ڪيو ويو آهي، هڪ طويل نعتيہ غزل "اسماءُ النبي ﷺ" هيو، اهو بہ هن ۾ شامل آهي. باقي جيڪو ڪلام جدا ڪيو ويو آهي. ان ۾ صلاة وسلام تي مشتمل سمورو ڪلام ـ ڇاڪاڻ تہ اهو اڳ ۾ ئي نظرثاني کان پوءِ ڪتاب "صلي الله عليہ وسلم" ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو الحمدلله شايع بہ ٿي چڪو آهي. ان کان علاوه صرف بہ نعتون ۽ بہ مسدس آهن جن کي ڪنهن نہ ڪنهن سبب تحت هن ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. انهن کان علاوه ڪتاب "ذڪر رسول ﷺ" ۾ آيل چار مسدس، نئين ترتيب ۽ تجديد سان ملائي بہ بڻايا ويا آهن. جيڪي پنهنجي معنيٰ مطلب ۽ ربط ۾ ايئن جڙيل آهن جو محسوس ئي نہ ٿيندو تہ ڪي چئن جو مجموعو بڻ ۾ آيل آهي. انهن کان علاوه "ذڪر رسول" ﷺ ۾ آيل سمورو نعتيہ ڪلام هن ۾ مڪمل نظرثانيءَ کان پوءِ شامل ڪيو ويو آهي.

"ذڪر رسول ﷺ" جي اڳئين ايڊيشن ۽ هن ايڊيشن ۾ تعداد جو فرق هن ريت آهي.

Marfat.com

| اڳ | | هاڻي | |
|---|---|---|---|
| حمد | 03 | حمد | 03 |
| مناجات | 02 | مناجات | 02 |
| اسماءِ النبي ﷺ | 01 | اسماءِ النبي ﷺ | 01 |
| صلوٰة وسلام | 14 | صلوٰة وسلام | 00 |
| مسدس | 06 | مسدس | 02 |
| ٻيو نعتيہ ڪلام | 99 | ٻيو نعتيہ ڪلام | 97 |
| ٽوٽل | 125 | ٽوٽل ـ | 105 |

ڪتاب "ذڪر رسول ﷺ" ۾ آيل نعتن جي هن نئين نظرثاني شده ڇاپي ۾ ترتيب گهڻي ڀاڱي مٽائي وئي آهي. اڳ هر نعت جي شروعات الف ب وار ٿئي پئي، مثلاً مطلع جي پهرين سٽ جو آغاز "الف" سان ٿئي پيو تہ پوءِ وري اهڙي نعت درج ٿيل هئي، جنهن جي مطلع جي پهرئين سٽ جو آغاز "ب" سان ٿئي پيو. تنهنڪري ان ۾ غزل، گيت ۽ ڪافيون سڀ گڏجي ويون هيون. هاڻي نظرثاني دوران ڪافي مطلع اهڙا بہ آيا جن جي پهرين سٽ جو پهريون اکر ساڳيو نہ رهيو. تنهنڪري پراڻي الف ب وار ترتيب کي ڇڏيو پيو. هاڻي نئين ترتيب وزن ۽ بحر جي لحاظ کان رکي وئي آهي. مثلاً شروع ۾ فاعلاتن فاعلاتن فاعلن جي وزن وارا نعتيہ غزل پوءِ ساڳئي وزن وارا مثلث وغيره. ڪتاب جي آخر ۾ ڪافيون ۽ بلڪل آخر ۾ مسدس ـ اميد آهي تہ اها ترتيب زياده پسند ڪئي ويندي.

جن وٽ منهنجو ڪتاب "ذڪر رسول ﷺ" موجود آهي اهي جڏهن ڀيٽ ڪري ڏسندا تہ، انهن کي احساس ٿيندو تہ ڪلام ۾ ڪيتري محنت سان تبديلي ڪري بهتري آندي وئي آهي، ٻين لفظن ۾ هي ڪتاب "ذڪر رسول ﷺ" ۾ آيل ڪلام جو نظرثاني ٿيل اختصار ۽ ان ۾ اضافن جو مجموعو آهي، جيڪڏهن اهو ڪم نہ ڪريان ها تہ زندگي جي هڪ حسرت ڪٺي قبر ۾ داخل ٿيان ها. باقي رهيو وڌيڪ نظرثانيءَ جو ڪم تہ انسان جيستائين جيئرو آهي، نظرثاني بہ جيئري رهندي.

Marfat.com

هن ڪان پوءِ پنهنجي لکيل ڪتاب حمديہ ديوان "سبحان جي ساراهہ" تي نظرثاني ڪري ان مان چوندبہ حمديہ ۽ مناجاتيہ ڪلامر ۽ نعتيہ ڪتابن هر هڪ "سرور عالم ﷺ"، "سيد المرسلين ﷺ"، "ثناءِ محمد ﷺ"، ۽ "آب ڪوثر" تي مختصر نظرثاني ڪري انهن مان چوندبہ نعتيہ ڪلامر ڪي گڏ ڪري هڪ گڏيل ڪتاب ان شاءَ الله آڻيندس. ۽ نيون شيون بہ پنڌ ۾ آهن. ان شاءَ الله عاشقان رسول ﷺ کي مايوس نہ ڪندس.

هي ڪتاب، نظرثاني، اختصار حذف ۽ اضافي ڪان پوءِ نئين ترتيب جي ڪري "ذڪر رسول ﷺ" جو نئون ايڊيشن نہ رهيو آهي. تنهنڪري ساڳيو نالو رکڻ انصاف نہ هو. تنهنڪري جيتري ڪتاب جي اندرئين مواد ۾ تبديلي آهي. ايتري ٻاهرين مواد يعني نالي ۾ بہ تبديلي آڻي سندس نئون نالو "تذڪرة الرسول ﷺ" رکجي ٿو.

شال الله تعاليٰ اسان جو پورهيو قبول فرمائي ـ آمين

| | |
|---|---|
| تاريخ | طالب العلم |
| ١٣، شعبان ١٤٢٧ھ | سيد گل محمد شاهہ بخاري |
| ٧ سيپٽمبر ٢٠٠٦ع | سيرت لائبريري |
| خميس ٥ ـ ٧ صبح | شهداد ڪوٽ |

Marfat.com

# حمد

ڪهڙي ڪجي تنهنجي ثنا، آ شان تنهنجو بي مثال،
آهين اسان جو تون خدا، آ شان تنهنجو بي مثال.

"الله" تنهنجو اسم آ ـ توکي نہ ڪوئي جسم آ،
تون سمجھہ کان آن ماورئ ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

اول بہ تون آخر بہ تون ـ باطن بہ تون ظاهر بہ تون،
موجود تون هر هنڌ سدا ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

تون خالق مخلوق آن ـ تون مالڪ مملوڪ آن،
تنهنجي وڏائي برملا ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

غفار تون ستار تون، ڏيهن سندو ڏاتار تون،
تنهنجي ڪرم جي نہ انتها ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

توئي ڪيو انسان آ ـ توئي ڏنو ايمان آ،
توئي ڪيو احسان آ ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

هر حُڪم تنهنجو ٿو هلي، توسان نٿو ڪوئي ڪجي،
محتاج سڀ شاهہ وگدا ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

آهين سدا حاجت روا، مشڪل ۾ تون مشڪل ڪشا،
تنهنجو پلايون بي بها ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

تنهنجي تہ بحرجُود کي ڪوئي نٿو روڪي سگهي،
تنهنجي اتم آهي سخا ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

تارا ڪتيون شمس و قمر ـ پيدا ڪيئي هر "گل" شجر،
قائم رکيئي ارض و سما ـ آ شان تنهنجو بي مثال.

☆

Marfat.com

# حمد

اي خالقِ ارض و سما ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال،
اي مالڪِ هر ڊو سرا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
انسان تو پيدا ڪيا، حيوان تو پيدا ڪيا،
خلقي سڄي تو خلق آ ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
توکان نہ ڪو برتر ٿيو، توسان نہ ڪو همسر ٿيو،
تنهنجي مقابل ڪونہ آ ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
تون ئي صمد جبار آن ـ تون واحد القهار آن،
تنهنجي وڏي آهي سزا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
تون ئي تہ رب العالمين ـ رازق رحيم ۽ راحمين،
تو قرب سيني سان ڪيا، آهين بلاشڪ ذوالجلال.
توئي ڪيا پيدا چمن، خلقيئي ملڪ، شيطان جن،
پيدا ڪيئي آب و هوا، آهين بلاشڪ ذوالجلال.
جيڪي مڃين تن کي بہ ڏين ـ تون منڪرن کي پي تو ڏين،
تنهنجي لکيل ناهي سخا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
هيڪر بہ تو پيدا ڪيو، پيهر بہ تون پيدا ڪندين،
ناهي انهي ۾ شڪ ذرا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
فرعون ويو هامان ويو، ۽ سامري شيطان ويو،
قارون ويو تحت الثريٰ ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
"دارا" "سڪندر" ويو لڏي، "شداد" ويو شاهي ڇڏي،
"نمرود" پي ٿي ويو فنا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.
"گل" مان ڪيو گلزار تو ـ قائم رکيو سنسار تو،
مخفي نہ توکان چيز ڪا ـ آهين بلاشڪ ذوالجلال.

☆

Marfat.com

# حمد

توکي خدا آهي بقا - دنيا جو آهين ڪارساز،
توکان سوا هر شي فنا - دنيا جو آهين ڪارساز.
مخلوق ۾ هر هنڌ سدا - آ چوءُ پچوءُ تنهنجي خدا،
هر چيز آ محوثنا، دنيا جو آهين ڪارساز.
تون خالقِ افلاڪ آن، تون ابتدا کان پاڪ آن،
تنهنجي نہ ٿيندي انتها - دنيا جو آهين ڪارساز.
قابض بہ تون قاهر بہ تون، هر شيءِ مٿان قادر بہ تون.
بي مِثُل باري بي ريا - دنيا جو آهين ڪارساز.
ڪي نوجواني ۾ ويا - ڪي گهوٽ مٽي ۾ مليا،
ڪيئي ڪراڙا ٿي مئا - دنيا جو آهين ڪارساز.
اميد تو ۾ جو رکي، مايوس سو هرگز نہ ٿي،
ابليس ئي مايوس آ - دنيا جو آهين ڪارساز.
توکي مڃي جيڪو بشر، هرگز نہ ٿي سو دربدر،
روشن انهيءَ جو قلب آ - دنيا جو آهين ڪارساز.
توکي مڃي ڪوئي اگر، يا ڪو ٿئي جي بي خبر،
دنيا هي ناهي بي خدا - دنيا جو آهين ڪارساز.
اڳ پڻ هئين موجود تون - هاڻي بہ آن مسجود تون،
توکي وڏائي آ روا - دنيا جو آهين ڪارساز.
تنهنجو ڪريمي شان آ - خالي سندم دامان آ،
"گل" جي پرج جهولي مِٺا - دنيا جو آهين ڪارساز.

☆

Marfat.com

# مناجات

منظور ڪر منهنجي دعا - منهنجا خدا، منهنجا خدا،
مونکي هدايت ڪر عطا - منهنجا خدا، منهنجا خدا.
جهڙي طرح آدم سندي - فرياد تو منظور ڪئي،
مقبول ڪر منهنجي ندا، منهنجا خدا منهنجا خدا.
توئي بچايو نوح کي، طوفان جي موجن منجهان،
مونکي گناهن کان بچا - منهنجا خدا، منهنجا خدا.
نمرود جي آڙاهه ۾، سالم رکيئي حضرت خليل،
تنهنجي اڳيان آ باهه ڇا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
تو قيد مان يوسف کي پڻ، آزاد عزت سان ڪيو،
مونکي بہ ڪر عزت عطا - منهنجا خدا، منهنجا خدا.
موسىٰ ملائيي ماءُ سان، هارون پيي همراهه ٿيو،
ساري سنڌءِ مهرو وفا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
توئي مڇي جي پيٽ ۾، فرياد يونس جي ٻڌي،
ان جو ٻڌين مشڪل ڪشا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
ايوب تي الله تو، لطف و ڪرم اعلىٰ ڪيو،
توئي ڪيس دارون دوا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
مريم کي تو عصمت ڏني، همت ڏني، عظمت ڏني،
توئي ڏنو هن کي حيا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
عيسىٰ ڪيو آزاد تو - سولي ڪئي برباد تو،
شامل هيس تنهنجي رضا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.
دل تان لهي وسري نٿو، منظر هو غار ثور جو،
ڪافر سيئي رسوا ٿيا، منهنجا خدا - منهنجا خدا.
تون "گل" منجهان گلزار ڪر - گلشن سندم آباد ڪر،
ڪر دين سان دل آشنا، منهنجا خدا، منهنجا خدا.

☆

Marfat.com

# مناجات

تون غمزدن جو لاهہ غم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
ڪر هر گهڙي فضل و ڪرم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
آهين خدا مشڪل ڪشا ـ ڪر دور مون کان هر بلا،
آسان ڪر دشوار ڪم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
اڄ قتل ۽ غارت گري ـ انسان ۾ ڏاڍي وڌي،
ڪونهي رهيو دل ۾ مرم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
باهم وڏائي وير ڪي، خوش ٿا ڪريون پيا غير ڪي،
ويو ختم ٿي سارو ڀرم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
اڄ ظلم ۽ انڌير آ ـ انصاف ۾ ڍيي دير آ،
آ ذات تنهنجي جو قسم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
اسلام کان جي دور ٿيا، سي خلق ۾ مجبور ٿيا،
ناهي انهن ۾ ڪوبہ دم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
ڏاڍو ٿيو شيطان آ ـ هيٺو ٻڌيو انسان آ،
مسلم سهي ٿو هر ستم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
مولا بچائج باهہ کان ـ ظلم و ستم جي راهہ کان،
ڪا سار لهہ سائين سندم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
ڏک دور ڪر دل شاد ڪر، ويران دل آباد ڪر،
ڪر ڀاڄهہ ۽ لطف و ڪرم ـ منهنجا خدا فرياد آ.
انسان ٿيو حيوان آ ـ گلشن ٿيو ويران آ،
"گل" ڪي بہ ڏاڍو آهہ غم ـ منهنجا خدا فرياد آ.

☆

Marfat.com

# اسماءُ النبي ﷺ

نام تنهنجو آ "محمد" "مصطفيٰ"،
"ظاهر" و "باطن"، "يتيم" آمنا.
تون "مزمل" تون "مدثر" تون "حفي"،
"محتشم"، "محمود" آهين مہ لقا.
اي "نبي"، "يٰسن" ۽ "طٰہٰ" بہ تون،
تون "حبيب الله" حبيب ڪبريا.
تون "نبي توبتہ" مڪين"، "مصباح" تون،
تون "ولي"، "وافي"، "وصي"، "مهدي" هديٰ.
دشمنن توکي سڏيو "صادق"، "امين"،
تون "مصدق" تون "مڪرم"، "مرتضيٰ".
تون "قوي"، "مامون" ۽ "معلوم" تون،
اي "تهامي" تون ئي "ختم الانبياءَ".
"حامد" و "حاشر" تـئـين "مشهود" يي،
"صابر" و "فاتح"، "محرم"، "مجتبيٰ".
ڪبريا توکي سڏيو "شاهد"، "شهيد"،
"داعيءِ"، "حق"، "مبين"، "نورالهديٰ".
"اول" و "آخر" بہ تون "اوليٰ" "قريب"،
اي "رسول" "هاشمي" "بدر الدجيٰ".
"حافظ" و "هادي" وري "خم" تون،
۽ تـئـين "احمد" متي عرش عليٰ.
"ناصر" و "منصور" "ماج" "ابطحي"،
"ڪامل" و "سيد" "رشيد" و رهنماءُ.

Marfat.com

"ساقيءِ ڪوثر" "امام المرسين"،
مسڪن اقدس بڻي ثور و حرا.
"سيد الڪونين" تون "فخر الانام"،
تئين نبي "خير البشر" نور خدا.
"سائق" و "سابق" تئين "سابط" بہ تون،
"ساجد" و "زاهد" "زعيم الانبياءَ".
"عائل" و "عامل" تئين "عين اليقين"
"عابد" و "عالم" "غني" "علم الهديٰ".
"واعظ" و "واصل" "وڪيل" آهين "وجيهہ"،
"واجد" و "والي" اسان جا آسرا.
"ناصب" و "ناصح" "نبي ناشر" بہ تون،
"ناطق" و "ناجز" بڻين "شمس الضحيٰ".
اي "مسبح" اي "مقنن" اي "مقيم"،
اي "موٌمل" تون "مجاب" و "منتقيٰ".
اي "معزز" اي "مصلي" اي "مطاع"،
تون "مقرب" ۽ "منادي" "مدعيٰ".
اي "مبلغ" اي "موٌيد" اي "معين"،
اي مجاهد" اي "مزڪي" دلربا.
تون "مڪي" "مدني" "مهاجر" مهربان،
تون بلاشڪ "صاحب ام القريٰ".
تون "مبشر" تون "مذڪر" تون "متين"،
تون "مطهر" "مقتصد" "خير الوريٰ".
"رحمت للعالمين" "راحم" "رحيم"،
تون "شفيع المذنبين" روز جزا.
"عاقب" و "قاسم" "رئوف" و راهبر،
تون ئي "مضري" "مجيب" و باوفا.
"امر" و "ناهہ" وري "طٰسٰ" تون،
تون "مطيع" ۽ تون حڪيم ڪيميا.

Marfat.com

تون "نبي رحمة" "حجازي" ۽ "حسيب"،
تون "صفي الله" "امام الانبياءَ".
تون "سراج" دين ۽ ماه منير،
تون "نجي الله" "شفيع" "شمس الهديٰ."
تون "مقدس" ۽ "مبرا" محترم،
"مصلح و "مختار" تون "ڪشف الدجيٰ".
"عادل" و "مدعو" ٻڌين "شافِ" "بشير"،
اي "حريص موؤمنين" "عَبد خدا".
اي سخي "جواد" اي ڪامل "ڪريم"،
اي "ڪليم الله" تون اعليٰ عليٰ.
تون "عزيز" و "طيب" و "طاهر" "شڪور"،
تون "ترازي" و "قريشي" "مجتبيٰ".
"خاتم" و "امي" لقب "ختم الرسل"،
آهين "منج" ۽ "شهير" جا بجا.
تون رسول آهين "ملاحم" ۽ "خليل"،
تون رسول آن رحمت هر دوسرا.
"صاحب المعراج" تون "صالح" "سليم"،
"صاحب القرآن" تون آن "مرتجيٰ".
تون "ابو القاسم" "امام الناس" يي،
"سيد الثقلين" توتان مان فدا.
"راشد" و "راغب" "رجيح" و "روح" توں،
"سابق الخيرات" تون "سميءُ" "سنا".
"خازن" و "خافظ" تئين "خير الانام"،
"خاشع" و "خافع" "خطيب الانبياءَ".
توں "مشفع" "شافع" و "معصوم" يي،
توں "شريف" و "غيث" آن مهر خدا.
"صين" آهين، "صاحب الاسراءِ" "صبيح"،
"ضيغم" و "ذڪار" "خير الانبياءَ".

Marfat.com

"اعظم" و "ازکي" "اجير" آهين "اُحيد"
"احسن" و "ابلح" "لبيب" آهين "ضحي".
"ازهر" و "ارحم" بڻين "اصدق" نبي،
تون "امام الخير" "اکرم" آن جدا.
"صاحب الازواج" ۽ اولاد آن،
عائشہ جا گهوٽ اي بو فاطمہ.
"جامع" و "جهضم" وري "جد" و "جليل"،
"حاکم" و "حائد" "حنيف" و بي ريا.
"صاحب التوحيد" "حمطايا" بہ تون،
"طاب طاب" و "ماذ ماذ" آهين ندا.
"فائق" و "فاضل" ۽ "فدعم" "فجر" تون،
تون "فطين" "فاروق" آن فضل خدا.
"قائد" و "قاضي" ۽ "قيم" "قائم" آن،
"قائل" و "کاف" "کفيل" آن پرجهلا.
"کاشف" و "قاري" "قثم" "عز العرب"،
"مخلص" و "متمدن" و "مرشد" يلا.
"حاط حاط" و "حاتم" و "حنان" پي،
"داني" و "دامغ" تيئي عزت عطا.
تون "متمم" تون "مجادل" ۽ "مجيد"،
تون "مفضل" تون "محرض" تون غنا.
"شذقم" و "شهم" "وشهہ" و تون "ششن" آن،
تون رداءَ جو آهين صاحب با صفا.
"آخذ الصدقات" "اشنب" ۽ "فصيح"،
"اوسط" و "اواه" در خلق خدا.
تون "مجدد" تون "مجيد" و "مستعيذ"،
تون "مشاور" "مخضم" و حکم خدا.
تون ئي "مسري" "مصارع" ۽ "شفيع"،
تون "مصافح" تون "مکلم" برملا.

Marfat.com

تون "منيب" و "منقذ" و "منصف" "مهيب"،
"مقسط" و "ممنوح" آن "ممنوع" سچا.
آهين "منحمني" "مؤدب" منتخب،
"مؤتمن" "متواضع" حلم و حيا.
"ناسخ" و "نجم" و "نقيب" آهين "نسيب"،
ناطق ۾ بالحق" "نظيف" و ابتدا.
رهبر اعظم ۽ "محيي" تون "مسيح"
قلب مرده کي حياتي ڪر عطا.
"بر" تون "باهر" "بطن" "بارع" بہ تون،
تون "بشر" "بالغ" "بدع" بدر و ضيا.
"تالي" ۽ "تذڪره" "تنزيل" تون،
تون "حلاحل" آن نبي الله جا.
"ذوالمڪانت" "ذوالميسم" "ذوالمقام"،
"ذوالفتوح" و "ذوسڪينت" "ذوالعطا".
اي "ابو طاهر" "ابو طيب" "طبيب"،
باعث ارض وسما آدم حوي.
"مشرد" و "متهجد" و "مرفوع" تون،
تون "متبع" "مستقيم" و خوش نما.
"مبتهل" "منذر" وري "مؤمن" بہ تون،
تون "مهيمن" "الملاذ" اولياءِ.
"العطوف" و "عمدة" و "عربي" بہ تون،
"العظيم" و "عصمت" آن دل ڪشا.
"ذوالهراوت" "ذوالقضيب" و "ذو حرم"،
"راڪب رفرف" وئين عرش خدا.
"الموقر" "المزم زم" المبيح،
"الوسيم" و واهرو دل جي صدا.

Marfat.com

"نور" "نعم" و "ناظر من خلفہ"،
"موذ موذ" و "ميذ ميذ" و شان ڇا؟
"ڪاشف الڪرب" و بہ "قدمايا" بہ تون،
تون "ڪثير الصمت" ڪاف قلب جا.
"صاحب المغفر" ڪيو توڪي خدا،
"صاحب الڪوثر" لواءِ تنهن ڪان سوا.
"العظيطم" "غالب" و "عين" و "عطوف"،
"اللسان" و "ليث" آن شير خدا.
"صاحب الدرجات" "دهتم" تون "دليل"،
"رهبر ڪامل" تون آن باب الهديٰ.
تون "مرتل" "مخلص" و "محفوظ" تون،
تون "معلم" تون "معلم" آن منا.
تون "اجل" "احسن" "اسد" آهين پرين،
"آخذ الحجزات" "ادوم" دائما.
"المعطي" "اشجع الناس" آهين تون،
تون نبي "برهان" آن رب عليٰ.
"صاعد المعراج" ۽ "صنديد" تون،
حسن يوسف تو متان قربان آ.
"برقليطس" بحر" تون "بار قليط"،
"سرخليطس" صاحب جود و سخا.
تون "سديد" و "سيف" ۽ "مسلول" تون،
شان تنهنجو سمجهہ ڪان آ ماوريٰ.
نام مرسل جا ڪيم تحرير ڪجهہ،
پر حقيقت ۾ اهي پورا نہ ٿيا.
نام سهڻي جا سيئي سهڻا سنا،
آهہ هر هڪ بي مثال و بي بها.

Marfat.com

چار سؤ ڪان وڌ ٻڌايا نانءَ مون،
سمجھ سامع نانءَ تو جيڪي ٻڌا.
ڪونہ آ منهنجي ذهانت ۾ دخل،
بس محمد مصطفيٰ جو فيض آ.
"گل محمد شاھ" تلميذ "نذير" (١)
پاڪ نالن تي لکي جنهن نعت آ.

☆

(١) منهنجو شاعري ۾ استاد مرحوم ڊاڪٽر نذير احمد جروار آهي. ظاهري طور هن ڏانهن اشارو آهي، پر حقيقت ۾ "نذير" بہ رسول الله ﷺ جن جو صفاتي اسم مبارڪ آهي. جيئن تہ پاڻ ﷺ جن پنهنجي امت جا معلم ۽ مربي آهن. سڌي طرح بہ ۽ واسطي يا واسطن سان بہ. تنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جن ڏانهن شاگرديءَ نسبت ڪرڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي.

Marfat.com

# نعت

اي قلم! لک مصطفيٰ جي نام تي،
دلربا جي پيار ۽ پيغام تي.
شوق مان نعتِ رسول الله لک،
لک وري تون دين ۽ اسلام تي.
جو نبي آ رحمت للعالمين،
لک سندس قرب و ڪرم اڪرام تي.
مصطفيٰ آندو جو قادر جو ڪلام،
لک انهي قرآن جي احڪام تي.
مصطفيٰ سان جو خدا وعدو ڪيو،
لک انهي وَلَسَوْفَ جي انجام تي.
هر برائي کي متايو مصطفيٰ،
لک نبيءَ جي هر ڪنيل اقدام تي.
مصطفيٰ فضل خدا نعمت عليٰ،
لک قلم الله جي انعام تي.
جو مليو توکي سڪونِ قلب آ،
ڪجهه نه ڪجهه لک تون انهي آرام تي.
مات پئي جا مشرڪ و ڪفار ۾،
ڪافرن جي لک تون قتل عام تي.
مصطفيٰ ڪئي مهر واري جا نظر،
لک سدا ان مهر خاص و عام تي.
ناهه اڏو علم جو پورو لکي،
"گل محمد شاهه" هن گلفام تي.

☆

Marfat.com

# نعت

مصطفيٰ تنهنجو ڀلارو شان آ.
تو ۾ متان نازل ٿيو قرآن آ.

ذڪر تنهنجو آ لکيل توريت ۾،
ذڪر تنهنجي سان ڀريل فرقان آ.

تو مٿايا مونجهڪارا ڏيهه جا،
تو ڪئي مشڪل صفا آسان آ.

تون نبي آ ذي فضيلت ذي وقار،
مصطفيٰ تنهنجو مٿاهون مان آ.

جي نهارين مرده دل زنده ٿئي،
هي سندم تنهنجي مٿان ايمان آ.

جنهن سڃاتو توکي دل جي ديد سان،
سو حقيقت ۾ صحيح انسان آ.

مون کي تنهنجي معجزن موهي وڌو،
معجزن تي غير ڀي حيران آ.

موڪلي توکي ڪيو پروردگار،
مؤمنن سارن مٿان احسان آ.

شان وارا! تنهنجي همسر ڪوبہ ناهہ،
توکان گهٽ دنيا جو هر سلطان آ.

جنهن کان راضي تون ٿيئن سو جنتي،
منتظر ان لاءِ خود رضوان آ.

مصطفيٰ! تنهنجي محبت جي ڪري،
"گل محمد شاهہ" مدحت خوان آ.

☆

٨٠٣٦٢

Marfat.com

# نعت

ظلمتن کان تو ڇڏايو آ جهان،
نور وحدت جو ڏنو تو بي گمان.

شمع تو توحيد جي ٻاري ڇڏي،
تو ڪيو توحيد جو کولي بيان.

ڪُفرَ ڇانيل پوري دنيا تي هيو،
خَتمَ تو ان کي ڪيو اي مهربان.

قبل آدم تون ٿئين خاتم نبي،
هي حديثن ۾ لکيل آهي عيان.

تنهنجي خاطر رب ٺاهي ڪائنات،
بحروبر ڪوهه و زمين و آسمان.

تو ٻڌايو خلق کي قرآن آ،
جو سمورو حق جو آ داستان.

ڪير آ تو سان ڪري جو همسري،
آهي ڪو مدِ مقابل تي عيان.

عرش تي توکي گهرايو هو خدا.
ڪبريا تنهنجو ٿيو خود ميزبان.

زخم دل جو ڪر سڄڻ! دارون دوا،
آ مريضن لئي شفا تنهنجو ستان.

رهبري تنهنجي تي مون کي ناز آ،
دل سندي تو ڳالهه کي ظاهر ڪيان.

باغ ۾ بلبل پئي لاتيون لنوي،
تنهنجي "گل" مهڪائيو آ گلستان.

☆

Marfat.com

# نعت

شان تنهنجي جو ڪريان ڪهڙو بيان،
تو گهميو عرش برين ۽ آسمان.

مصطفيٰ! تنهنجي ڪري سارو جهان،
تو جهان جو باعث ايجاد آن.

قرب تو پنهنجن پراون تي ڪيا،
تنهنجي قربن جو وڏو آ داستان.

تنهنجي آڱر جي اشاري سان سڄڻ!
هي قمر ٻه اڌ ٿيو هو بي گمان.

معجزي تنهنجي سندو هي ٿيو اثر،
شمس ٿيو واپس وري مغرب منجهان.

ذات تنهنجي جو قسم قرآن ۾،
آ ڪنيو پرور پياري پيار سان.

ذڪر تنهنجو "وَالضُّحيٰ" "وَالليل" ۾،
هر طرح تنهنجو مٿاهون آ مڪان.

آ خدا کان بعد تنهنجي برتري،
چا لکي توتي لکان چاچا لکان.

ياد تنهنجي سان ٿي دلڙي شاد ٿئي،
مان مسرت سان ٿيان ٿو شادمان.

نينهن تو سان جو نڀائيندو پيو،
ڪونہ ٿيندو ان کي خوفِ مال و جان.

تنهنجي بعثت جي ڪري سرهو ٿيو،
هي "گل" و گلزار ۾ سارو جهان.

☆

Marfat.com

# نعت

رحمت عالم سندي رحمت ڪپي،
شافع محشر سندي شفقت ڪپي.

بي وفا دنيا سان ڇا جي دوستي !
تنهنڪري عربي سندي الفت ڪپي.

مصطفيٰ جي پيروي ۾ آ نجات،
ڇوتہ ڪاري لئي سندس طاعت ڪپي.

ياد مرسل کي ڪجي پيو روز و شب،
بس اها خصلت اها عادت ڪپي.

جا پڙهيم سيرت رسول الله جي،
مونکي اهڙي خوبرو سيرت ڪپي.

ڪاش! مرسل کي ڏسان مان جاڳ ۾،
يا وري سا خواب ۾ صورت ڪپي.

مصطفيٰ جي پاڪ الفت ۾ جيان،
جي مران، ايمان جي عزت ڪپي.

نعمتون دنيا سنديون ڀي سڀ ملن،
تن سان گڏ پر دين جي دولت ڪپي.

مون ڇگيرا ڪم ڪيا جيڪي خدا!
تن ڪمن ۾ هر طرح برڪت ڪپي.

ياخدا مغلوب ڪر شيطان کي،
دين جو غلبو ڪپي شوڪت ڪپي.

"گل" ڪپي گلزار ۾ خوشبو ڪپي،
دل اکين ۾ روح کي راحت ڪپي.

☆

Marfat.com

# نعت

تون سچڻ، همدرد، دلبر دلربا،
تو سوا دلدار ٻيا ڪاڏي ڪبا.
تنهنجا لب رخسار، اکيون واهه واهه!
تنهنجي ڏندن جي ڪريان مان ڳالهه ڇا؟
مثل تنهنجي ڪو نه ٻيو پيدا ٿيو،
جسم تنهنجي ۾ نه ڪوئي عيب آ.
ذات تنهنجي آ مبارڪ معتبر،
ذات تنهنجي ۾ نه ٻيا همسر ٿيا.
تو ڏني اسلام جي تعليم مفت،
تو ورهايو فيض سارو بي بها.
تنهنجي دعوت ۾ تڪلف ڪونه هو،
پيش ڪئي تو ڳالهه آ صاف و صفا.
تو ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ ڪم ڪيو،
تو رسالت جو ڪيو آ حق ادا.
زندگي ۽ موت جو مقصد ڏسيي،
تو ڪيو آ، آخرت ڪان آشنا.
ظلم جي اونهي سمنڊ جي سير مان،
پيروڪارن کي ڪيو تو پار آ.
تون ئي فخر الاولين و آخرين،
تو متان خود انبياءَ کي ناز آ.
شعر تنهنجي شان ۾ تو "گل" چوي،
شل قبولي ڪبريا، تنهنجي ثنا.

☆

Marfat.com

# نعت

چا ڪجي تنھنجي ثنا اشعار ۾،
مِثل تنھنجي ناھ ڪو جنسار ۾.

ذڪر تنھنجي حسن جو ڪھڙو ڪجي؟
چا چئون چا زيب آ رخسار ۾.

دشمنن جا سر پلي ڪٽجي وڃن،
پر نہ پئي گھپ ڪو سندءِ تلوار ۾.

تنھنجو چھرو چنڊ کان پي آ حسين،
ناھ ڪو توڪان اتم انوار ۾.

جي ڪٽي مرڪي ڏسين بيمار ڪي،
عافيت موٽي اچي بيمار ۾.

ھر ادا تنھنجي قبولي مون ڇڏي،
زندگي رھندي سچي اقرار ۾.

تاب تنھنجو تيز آ تلوار ڪان،
تيڪ اھڙو ناھ ڪنھن اوزار ۾.

تنھنجو دلبر در ھجي پيو چا ڪپي.
ديد دل جي شل رھي ديدار ۾.

حسن يوسف، تو متان حيران آ،
مثل تنھنجي "گل" نہ تيو گلزار ۾.

☆

Marfat.com

# نعت

چاهه تو سان تو رڪان مان مصطفيٰ،
ياد تو توکي ڪريان اي دلربا.
نانءُ تنهنجو تو وٺان يا تو ٻڌان،
تو پڙهان تنهن دم مٺا صل عليٰ.

ذڪر تنهنجي پيار جو کهڙو ڪجي،
جن ڏنو توکي ڪيو تن سر فدا.
کنڊ مصري ڪان ٻه وڌ ماکي مٺي،
پر سين ڪان تون مٺو آهين مٺا!

تون خدا جي شان شوڪت جو دليل،
جن مڃيو توکي مڃيو تن ڪبريا.
رب جي قدرت جو آهين شاهڪار،
مثل تنهنجي تي نه پيدا چيز ڪا.

تو ڏنو آ درس غيرت شرم جو،
تو ڏنو دنيا کي آ حلم و حيا.
تو ٻڌايو راز الفت پيار جو،
تو ڏسي انسان کي مهر و وفا.

چا تقاضا آ سچي ايمان جي،
رمزِ ايمان ڪان ڪيو تو آشنا.
مصطفيٰ! توتي نبوت ختم تي،
تي رسالت جي ٻه توتي انتها.

دلربا! توکي گلابي "گل" چوان،
يا چوان ماهِ جَبين، حسُنِ خدا.

☆

Marfat.com

# نعت

تڪرا تڪرا ڪفر ۽ الحاد ٿيو،
مصطفيٰ ڇايو زمانو شاد ٿيو.

دور اونداهو سمورو ختم ٿيو،
ڏيهہ سارو نور سان آباد ٿيو.

هي سڄو سنسار ٿيو دار الامان،
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ سڀ برباد ٿيو.

مصطفيٰ جي مهر ٿي مظلوم تي،
بي ڪسن ۽ غمزدن جو داد ٿيو.

نعره تڪبير جي تاثير سان،
بت پرستي ڪان جهان آزاد ٿيو.

هي سموري خلق لئي آهي شفيق،
هي پلو قرآن ۾ ارشاد ٿيو.

هن ڪان اڳ دنيا ڪان رب وسريل هيو،
هي جڏهن آيو خدا پي ياد ٿيو.

هي امام الاولين اڳ پي هيو،
ها ! نبي آدم بہ هن ڪان بعد ٿيو.

آب ڪوثر جو پياريندو نبي،
هن سان اهڙو رب جو ميعاد ٿيو.

هن جا پروانہ ابوبڪر و علي،
۽ عمر عثمان بلال و سعد ٿيو.

"گل" مٿان هي پي خدا جو ٿيو ڪرم،
جو نبي جي شامل اولاد ٿيو.

☆

Marfat.com

# نعت

مصطفيٰ! مون کي کپي تنهنجي رضا،
تون ٿئين راضي ته ٿئي راضي خدا.

هي سنڌ ۽ نظر ڪرم جو آ اثر،
جو ٿيا آهيون خدا کان آشنا.

مشرڪن جا بت ڀڃي ٽوڙي ڪيو،
ڪعبة الله کي بتن کان پاڪ آ.

تو ڪيو دارون مريض ڪفر جو،
تون مريض لا دوا جي لئي دوا.

تو غلاظت مان ڪڍيو انسان کي،
ابن آدم کي ڪيئي پاڪ و صفا.

تو شرابن جا اڏا ڊاهي ڇڏيا،
تو ڏنو ايمان جو آب بقا.

تو مٽايو ملڪ مان سودي نظام،
تو ڪئي دنيا ۾ جاري آ سخا.

ظلم جا زنجير سڀ ٽوڙي ڇڏيئي،
تو ڪيو هر چيز سان انصاف آ.

تو مٽايا فحش ڪاريءَ جا اڏا،
عورتن کي تو ڏنو شرم و حيا.

تو مٽايو ملڪ مان دور خزان،
گلستان ۾ تون بهار آهين سدا.

تنهنجي آمد جي ڪري "گل" پيو ٽڙيو،
تو معطر ڪئي سموري آ فضا.

☆

Marfat.com

# نعت

مصطفيٰ! تولئي بڻيو سنسار آ.
تنهنجي خاطر ئي جڙيو جنسار آ.

مشڪ عنبر عِطر پي تنهنجي ڪري،
تنهنجي صدقي گلستان گلزار آ.

شان منصب ۾ تون آهين بي مثال،
تنهنجي مٽ هرگز نہ ڪو سردار آ.

مصطفيٰ! تنهنجي نبوت جو ڪيو،
هر نبي الله سان اقرار آ.

هر نبي، الله کي آهي پسند،
سڀ کان وڌ پر هن جو تو سان پيار آ.

تو بچايو باھ کان انسان کي،
تو هٽايو اهنج ۽ آزار آ.

تو ٻڌايو زندگي جو راز هي،
"زندگي بي بندگي بيڪار آ".

پاڪ فطرت جي ڪئي تعمير تو،
تو گناهن جو ڇڏايو بار آ.

چنڊ روشن آ مگر هر رات ڪونہ،
نور تنهنجو هر گهڙي نروار آ.

تاب ڏاڍو تيز آهي شمس ۾،
نور تنهنجو دل اکين جو ٺار آ.

"گل بخاري" جو فقط تون دلربا،
تو سوا هن جو نہ ڪو غمخوار آ.

☆

Marfat.com

# نعت

هل مديني، پيار جي دربار ڏس،
هت خدا جون رحمتون چوڌار ڏس.
سو وکر وڻ جو سياڻي ڪم اچئي،
هر طرف جاچي سچي بازار ڏس.

بيڪسن جو پرجهلو ۽ آسرو،
گنبدِ خضرا ۾ سو هڪ وار ڏس.
حسن جا جلوه سوين سنسار ۾،
سونهن سائين وٽ هلي بسيار ڏس.

تو مقوقس قيصرو ڪسريٰ ڏٺا.
پر مديني جي به هي سرڪار ڏس.
مصطفيٰ محبوب ڪي قرآن ۾،
ڪفر آڏو برسر پيڪار ڏس.

پاڪ مرسل جي پياري شهر ۾،
خير برڪت جي سدائين ڪار ڏس.
مير مدنيءَ جا صحابه سڀ ڀلا،
تن سمورن ۾ نمايان چار ڏس.

گلستان جيڪو بڻايو آ نبي،
تنهن ۾ "گل" گلزار خوشبودار ڏس.

☆

Marfat.com

# نعت

دلربا ! تو تان ڪريان تن من فدا،
جان گهوريندي پڙهان صل عليٰ.

منهنجي غم اندوه جو غمخوار تون،
دل نوا ۽ دل نشين دلدار تون.
ذات تنهنجي ۾ رکيا مون آسرا.

رحمت للعالميني جي ڪري،
مون جهلي جهولي ڪرم ڪر ڇڏ پري،
ڪر عنايت جي نظر قربن پريا !

تون هدايت جو سراپا نور آن،
تون خدا جي فضل سان پرپور آن،
هر طرف دنيا ۾ تنهنجو فيض آ.

مدح تنهنجي مون پڙهي قرآن ۾،
تنهنڪري رچجي وئين دل جان ۾،
هاڻي توکان ڪونہ مان ٿيندس جدا.

تو ڏني توحيد جي تعليم آ،
تو ڪئي قائم وڏي تنظيم آ،
آ سندس تاثير اڄ ئي جا بجا.

تون وسيلو "گل محمد شاهہ" جو،
راهبر آهين خدا جي راهہ جو،
هن حقيقت ۾ نہ آهي شڪ ذرا.

☆

Marfat.com

# نعت

مصطفيٰ ! مون واسطي دنيا بہ تون،
دين تون ايمان ۽ عقبيٰ بہ تون.

تون "مزمل" تون "مدثر" مصطفيٰ،
تون نبي "طسٰ" احمد مجتبيٰ.
تون وري "يٰسٓ" ۽ "طٰہٰ" بہ تون.

تون سڀني مخلوق کان برتر نبي !
بس! خدا کان بعد تون بهتر نبي !
مصطفيٰ! افضل بہ تون اعليٰ بہ تون.

مرتبو ۽ مان تنهنجو آ گهڻو،
پر ڪجي تو جو بيان سو آ ڪٿو.
دلربا آن عرش کان بالا بہ تون.

مومنن جي دل ڪشائي تو ڪرين،
رهبري ۽ رهنمائي تو ڪرين.
جان کان هردم تئين اوليٰ بہ تون.

دل ڪسيندڙ دلربا دلدار تون،
مہ لقا مون کي ڪراءِ ديدار تون.
ڇوتہ آن دارين جو موليٰ بہ تون.

ڪر نظر ڪا "گل محمد شاهہ" ڏي،
ڪيس پنهنجي شان جي ساجاهہ ڏي.
تون سندس ماويٰ سندس ملجا بہ تون.

☆

Marfat.com

# نعت

ياد ڪر مومن منا ! شفقت رسول الله جي،
ڪجهہ نہ ڪجهہ محسوس ڪر، رحمت رسول الله جي.
مؤمنن جي لئي رنو هو، مصطفيٰ الله وٽ،
ياد ڪر اي بي وفا ! الفت رسول الله جي.
تنهنجي غربت جي ڪري رهبر ڪيون قربانيون،
اڄ ڪيپي توکي ڪرڻ، خدمت رسول الله جي.
ڪانہ تي صورت ڦري، محبوب جي قربن ڪري،
تا قيامت آهہ ڳڌ، برڪت رسول الله جي.
هي سچي ڌرتي بڻي، مسجد محمد جي ڪري،
پڙهہ نمازون ڪر سڄڻ، طاعت رسول الله جي.
خلق آ قرآن جنهن جو، گفتگو جنهن جي وحي،
خوب ڪان آ خوب تر، عادت رسول الله جي.
پڙهہ ڪلام الله ڪي، ۽ پڙهہ وري قول نبي،
پڙهہ سڄڻ! سڪ مان وري، سيرت رسول الله جي.
مصطفيٰ جي حسن تان، هر حسن ڪي صدقي ڪجي،
حسن ڪان وڌ آ حسين، صورت رسول الله جي.
مصطفيٰ منصب اندر آهي برابر بي مثال،
پيچ يلي قرآن ڪانَ عظمت رسول الله جي.
مصطفيٰ معراج دؤران، ٿيو خدا سان هم ڪلام،
تي نشان بر ان گهڙي، شوڪت رسول الله جي.
"گل محمد شاهہ" تو، ٿاهي پيو نعت نبي،
اي گتل شاعر بڻاءِ، مدحت رسول الله جي.

Marfat.com

# نعت

مصطفيٰ! توکان سواءِ، دنيا ۾ ڇڻ اونداھ آ.
شمس پڻ بي نور آ، بي نور ڇڻ ھي ماھ آ.
مصطفيٰ! تنھنجي ڪري، روشن ٿيو شمس و قمر،
نور تنھنجي آھ بخشيو، نور ڪي پڻ ساھ آ.
روح تنھنجي ڪي خدا، پيدا ڪيو سڀ کان اڳي،
ذات تنھنجي کان اڳي، جو سو فقط الله آ.
قول ۽ گفتار تنھنجي آ وحي الله جي،
'نجم' سورة ۾ ڪيو الله خود آگاه آ.
تو مٽايو ڏيھ مان آ نند وڏائي جو نظام،
تو اڳيان يڪسان ٿيو گولو گدا ۽ شاھ آ.
تو بنا دنيا اندر الفت محبت ناھ ڪا،
دلربا ! تنھنجي ڪري پيدا ٿيو خود چاھ آ.
تنھنجي الفت جو اثر ٿا ٿڙ ڪجي جي کان پڇون،
جو سندئي فرقت ڪري روئي جھڄي ٿيو پاھ آ.
تنھنجي صدقي تنھنجي والد جو بہ سھڻو نانءُ آھ،
تنھنجي جيجل والده جو واھ وڏيو جاھ آ.
پيچ رفاقت تون نبي جي آل ۽ اولاد کان،
۽ پيچج اصحاب کان ڪيئن ٿيو نبي ھمراھ آ.
مصطفيٰ ! توکي سجاتو بي زبانن اُنٽن،
۽ سجاتو ھر پٽر ۽ ھر شجر پن گاھ آ.
مصطفيٰ! تنھنجي ثنا خاطر ڪجي ٿي شاعري،
در حقيقت ڪونہ شاعر "گل محمد شاھ" آ.

☆

Marfat.com

# نعت

تو خدا جي پاڪ ذرتي تي جو آندو انقلاب،
انقلاب اهڙي جو آهي ڪونہ دنيا ۾ جواب.
انبياءَ جيڪي بہ آيا سي هئا عزت مآب،
ڪونہ تو وانگر ٿيو ڪوئي نبي پر ڪامياب.
تون هدايت جو بڻين عالم سڀي لئي آفتاب،
ڪين ڪنهن اهڙو ڏٺو دنيا ۾ سهڻو ماهتاب.
تنهنجي رحمت جو لڳايان مصطفيٰ! ڪهڙو حساب،
تنهنجي شفقت آهہ پيارا بي شمارو بي حساب.
تون خدا جي فضل جو آهين بلاشڪ انتخاب،
فيض تنهنجي مان ٿيو هر هڪ صحابي فيضياب.
صاحب قرآن ! توتي آ لٿو سهڻو ڪتاب،
جو ڏنو الله توڪي آ اهوئي بي نقاب.
صاحب معراج ! توسان ڪير آ ٿئي هم رڪاب،
شان تنهنجي جي برابر ڪو ڏٺو ڪنهن ڀي نہ خواب.
مصطفيٰ ! تنهنجو تڪلم ۽ ترنم لاجواب،
ڪونہ هو دائود ۽ ! رضوان وٽ اهڙو رباب.
جنهن ڏنو توڪي مليو تنهن کي ضعيفي ۾ شباب،
دور تنهن کان ٿي ويو بيشڪ جهنم جو عذاب.
عاشقان مصطفيٰ! ڪريو بديءَ کان اجتناب،
هر گهڙي هر هنڌ ڪريو پنهنجو خدارا احتساب.
تون نبين ۾ ٿئين اهڙي طرح عالي جناب،
باغ ۾ پيدا ٿيو "گل" آ جيئن سهڻو گلاب.

☆

Marfat.com

# نعت

غمزده مجروح دل لئي مصطفيٰ اڪسير آ،
ظلمتن جي دور ۾ دلبر ڏني تنوير آ.

جو لکيل قرآن ۾ آ سا سڄڻ جي زندگي،
مصطفيٰ جو قول ڇڻ قرآن جو تفسير آ.

پڙهه ڪٽي توريت ۽ انجيل ۽ ٻڌ پيل زبور،
پر سمورن کان مٿي قرآن ۾ تاثير آ.

سيرت اقدس پڙهو يا صورت انور ڏسو،
جابہ سيرت آ سڄڻ جي سا سندس تصوير آ.

بت پرستي کي عرب مان جنهن صفا ميٽي ڇڏيو،
شرڪ جي دنيا ۾ هن توحيد ڪئي تعمير آ.

شان ڏئي محبوب کي هت موڪليو پروردگار،
پاڻ ڪئي الله هن جي عزت و توقير آ.

جنهن وڏي ڪوشش ڪري ايمان کان واقف ڪيو،
جنهن جهنم کان بچائڻ لاءِ ڪئي تدبير آ.

اي مقدر جا ڪٽل ! پنهنجي اچي قسمت بڻاءِ،
مصطفيٰ جي در تي نهندي هر ڦٽل تقدير آ.

مصطفيٰ جي آل جي عظمت پڙهو قرآن ۾،
سورة الاحزاب ۾ جا آيتہ تطهير آ.

ناهه طاقت ڪابہ مون کي پر نبيءَ جو فيض آ،
تي سندم مقبول سيرت تي لکيل تحرير آ.

صاحب لولاڪ آ اعليٰ سندس ادراڪ آ،
هيچ آ دنيا سڄي "گل" پيي تہ پر تقصير آ.

☆

Marfat.com

# نعت

شان گونا گون تنهنجي تي لکان مان ڇا نبي؟
آ خدا کان بعد اعليٰ شان تنهنجو يا نبي !

حسن جا جلوا ڏنم ڪي حسن جا شعلہ ڏنم،
ڪونہ ڪنهن موهي وڌو جيئن موهيو تو آ نبي.

اي سخي تنهنجي سخا کان ڪونہ ڪو محروم ٿيو،
"لا الـہ" جي "لا" سوا ڪونهي چيو تو "لا" نبي!

هي زمين بي چين هئي جو عام هو فسق و فساد،
تو ڏئي آٿت ڪيو هو امن کي برپا نبي.

رحمت عالم بہ تون ۽ تون ئي ختم المرسلين،
صاحب القرآن تون يٰس ۽ طٰـہ نبي!

ڪبريا توکي بڻايو صاحب لطف و ڪرم،
هن ڪئي رحمت وري تنهنجي ڪري هر جا نبي!

مصطفيٰ ! توئي ٻڌائي راهہ جنت جي سڌي،
آ خدا جي راهہ بهتر تو ڏسي جيڪا نبي !

هن اڄوڪي دور ۾ مسلم بڻيو مغلوب آ،
دردمندن جي سگهو ئي مالڪي ڪر ڪا نبي!

تون بڻين زينت جهانن جي اهي تولئي بڻيا،
هي سڄو سنسار پيي "گل" ۽ چمن تنهنجا نبي!

☆

Marfat.com

# نعت

رحمت عالم جي اڄ معراج واري رات آ،
رات هن ۾ عرش تي وئي مصطفيٰ جي ذات آ.
آدميت کي ملي وئي آدميت آهه اڄ،
ڪفر ۽ طاغوت جي اڄ رات تي سڪرات آ.
خالق اڪبر ڪئي مرسل مٿي سان ڳالهه ٻولهه،
ميزباني ۾ مليو مرسل کي التحيات آ.
سرور عالم سندو معراج پِي آ معجزو،
مصطفيٰ جي معجزن جي تن اندر ۾ تات آ.
باعث ارض و سما آهي سفير آسمان،
اڄ ملاقي مصطفيٰ سان ڪبريا جي ذات آ.
جو مليو تحفو خدا کان سو اٿم آهي نماز،
قرب مان قادر ڏني سهڻي سٺي سوغات آ.
سير سبحاني ڪري جانب جڏهن موٽيو مڪي،
تي چيو ايمان وارن هي حقيقي بات آ.
ڪو خليل الله آهي ڪو وري حضرت ڪليم،
ڪانه پر ڪنهنکي ملي اهڙي پلاري ذات آ.
مصطفيٰ موڙي ڇڏيو هر ڪفر جي طوفان کي،
مير مدني جي اچڻ سان ڪفر ۾ تي مات آ.
مصطفيٰ جي ذڪر لئي مان نعت گو شاعر ٿيس،
پاڪ پيغمبر جي هردم مونکي وائي وات آ.
"گل محمد شاهه" ڪر تون ان محمد جي ثنا،
جو رسول هاشمي ۽ صاحب برڪات آ.

☆

Marfat.com

# نعت

واھ جو مرسل ڪيو ڏرتي تي قائم انتظام،
دين دنيا جي ڪمن جو تي ويو آ انضمام.
مصطفيٰ مرسل ملايو دين دنيا جو نظام،
ان ڪري دنيا منجھاران ظلم جو ٿيو اختتام.
ڪالھ جي مشرڪ ھئا، اڄ سي موحد، ٿيا مدام،
تن کي مئي توحيد جي جا ھن پيار يا جام ـ جام.
جنھن برن جا ڏوھ بخشيا سو اٿو خير الانام،
ذات پنھنجي لاءِ مرسل ڪونہ ورتو انتقام.
ھي ٻڌايو آھ مرسل ڇا حلال آ ڇا حرام،
مصطفيٰ ڪامل شريعت جو ڪيو آ التزام.
پاڪ پرور، جو ڪيو نازل، محمد تي ڪلام،
آخري نسخو ھدايت جو اھو آھي تمام.
مير مرسل تي ملائڪ ٿا پڙھن ھر ھر سلام،
۽ خدا ٿو موڪلي ان تي صلواتون صبح شام.
ھن نبي جي تي ڪري تعظيم ساري خلق عام،
خود خدا سيڪاريو آھي انھي جو احترام.
ھن جو آ رشد و ھدايت ۾ ٿيو مشھور نام،
ھي ھدايت يافتہ ماڻھن سڀن جو آ امام.
پاڪ ڏرتي تي انھي محبوب جو آ احتشام،
ان جي عزت جو ڪيو رب عرش تي پي اھتمام.
مصطفيٰ جي در تي حاضر ٿا ٿين ڪيئي غلام،
"گل بخاري" آ سندس سارن غلامن جو غلام.

☆

Marfat.com

# نعت

ڇا ڪندي منهنجي زبان مدحت رسول الله جي،
ڪبريا ڪان بعد آ، عظمت رسول الله جي.
پاڪ فطرت جي مطابق مصطفيٰ خلقيو ويو،
پاڪ آ اخلاق ۽ فطرت رسول الله جي.
جو ٻڌايو آ خدا، سو ئي نبيءَ جو خلق آ،
هي سچو قرآن آ سيرت رسول الله جي.
بانگ ۾ تڪبير سان گڏ ڪلمہ توحيد ۾،
آ خدا جي نانءَ سان شرڪت رسول الله جي.
مصطفيٰ آيو جهالت، ظلم ويو نابود ٿي،
امن آيو جو ملي نصرت رسول الله جي.
فاتح خيبر جو پيو سالار آهي لاجواب،
شير نر پيو خود مڃي قوت رسول الله جي.
مثل ماڻهوءَ جي نبي خاطر ڪجيءَ جو ٿڙ رنو،
آ اثر تنهن تي وڏو فرقت رسول الله جي.
مصطفيٰ معراج ماڻي ٿيو خدا سان هم ڪلام،
تي هئي رفرف مٿان رفعت رسول الله جي.
تا قيامت پوري دنيا لاءِ آهي راهبر،
تي اها اعليٰ اتم عزت رسول الله جي.
نعت ناهڻ، نعت ڳائڻ، آهہ خوش بختن جو ڪم،
ها ! وڌي تي نعت سان الفت رسول الله جي.
باغ جي هر "گل" شجر تي آهہ سهڻي جو اثر،
تي وئي هر رنگ تي صبغت رسول الله جي.

☆

Marfat.com

# نعت

واھ جو نازل ٿيو عربي مٿان قرآن آ،
هن ڪلام الله کي قادر ڪيو آسان آ.

هن کي جو تحفو مليو سو انقلابي آ ڪتاب،
ان جي زنده حڪم تي دنيا سڄي حيران آ.

منهنجي آقا جو بلند آ شان منصب مرتبو،
هي تہ هر آقا سندو سلطان عالي شان آ.

مصطفيٰ الله جي توحيد جي تبليغ ڪئي،
هن صفا ڪولي ٻڌايو هڪ صمد رحمان آ.

مصطفيٰ مدني پليدن کي ٻڌايو پارسا،
هن صفائي لاءِ فرمايو تہ "اڌ ايمان آ."

جنهن مڃي هن جي رسالت سو پيارو شخص آ،
جنهن ڪيو انڪار هن جو سو صفا نادان آ.

هن جي آمد جي ڪري روزا نمازون ٿيون عطا،
هي زڪواتون حج ۽ هن جي ڪري رمضان آ.

جن پڙهيون سڪ مان صلاتون درد تن جا دور ٿيا،
ها درودن ۾ سمايل درد جو درمان آه.

"گل محمد شاھ" جي شل حشر ۾ ٿي مالڪي،
جنهن ٻڌايو مصطفيٰ کي جيءَ جو جانان آ.

☆

Marfat.com

# نعت

بيشڪ اسان سين جو عربي امام آهي،
لاتو خدا انهي تي بهتر ڪلام آهي.
آيا نبي سڀورا دنيا جي بهتري لئي،
مولا ڏنو محمد مرسل مدام آهي.
انسان پيي سلامي، حيوان پيي سلامي،
رهبر اڳيان انهن جو هر هر سلام آهي.
شمس و قمر ستارا، لوح و قلم نيارا،
نرمل نبيءَ جو تن ڪان اعليٰ مقام آهي.
ظلم و ستم جون راهون ميٽي ڇڏيون محمد،
قائم ٿيو خدا جو بهتر نظام آهي.
ڪنهنجو نبي خليل آ، ڪنهنجو نبي ڪليم آ،
ليڪن نبي اسان جو فخر الانام آهي.
طاعت ڪريو نبيءَ جي الفت رکو انهي سان،
ريءَ حب هاشمي جي جنت حرام آهي.
روز جزا ۾ مون ڪي عربي جو آسرو آ،
جنهنجو ڪرم براءِ هر خاص و عام آهي.
خادم جهان سارو بيشڪ نبيءَ جو آهي،
جبريل پيي انهي جي در جو غلام آهي.
خلق خدا جي آڏو اعلان حق ڪيائين،
دنيا اڳيان رکيو هن حق جو پيام آهي.
باغ خدا جو آ "گل" گلزن ۾ آهه اجمل،
هي سونهن سوپيا ۾ ڪامل تمام آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

مولا مڪو اسان ڏي سهڻو حبيب آهي،
لک شڪر تيو اسان جو اعليٰ نصيب آهي.
سالار اُحد جو آ ـ محبوب احد جو آ،
توقير ۾ نيارو نرمل نجيب آهي.
جود و سخا جو صاحب، لطف و ڪرم ۾ افضل،
دنيا ۾ تيو مثالي پيدا اديب آهي.
هن جي صداقتن ڪي، هن جي امانتن ڪي،
هن جي سخاوتن ڪي مڃيو رقيب آهي.
اعلان جنهنجو رحمت، پيغام جنهن جو برڪت،
قادر ڪيو انهي ڪي آذر عجيب آهي.
سهڻي سندس فصاحت، سهڻي سندس بلاغت،
هو گفتگو جو ماهر ـ واعظ خطيب آهي.
دلبر نبي دعا ڪئي، دردن سندي دعا ڪئي،
انسانيت جي دک لئي حاذق طبيب آهي.
محبوب مصطفيٰ سان رب جو پيار آهي،
رب جو خليل آهي، رب جو حبيب آهي.
جنهن جي اچڻ سان جڳ ۾ فصل بهار آيو،
گلزار ۾ بہ خوشتر هر عندليب آهي.
محبوب لاءِ منهنجو گهر ٻار سر آ حاضر،
ڇاڪاڻ جو هو منهنجي دل جي قريب آهي.
حسان رومي جامي ذڪر نبي ويا ڳائي،
تن سان ذري ۾ شامل تيو "گل" غريب آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

بيشڪ نبي اسان جو فخر جهان آهي،
جنهن کي عطا ڪيو رب، اعليٰ مڪان آهي.
آدم حوا کان اڳ جو رب وٽ نبي بڻيل هو،
آيو سڀن کان آخر سو مهربان آهي.
حضرت خليل جنهن جي آمد لئي گهر ڪئي هئي،
انجيل ۾ به ان جو ظاهر بيان آهي.
ظاهر ۾ جو فقير آ، ڪونين جو آ والي،
مخلوق کان مٿي هن جو مان شان آهي.
دارا هجي سڪندر هن جي اڳيان گداگر،
بابر به هن جو نوڪر، هي حڪمران آهي.
هي آ حبيب رب جو، هن کي سڄاتو هر شيءِ،
هن جو ٿيو جو منڪر، سو بي امان آهي.
سيرت اٿس سونهاري، صورت اٿس سڀاڄهي،
شيدا مٿس ملڪ ۽ انسان جان آهي.
آهين سخي سخا ڪر دامن گدا سندو پر،
تنهنجي سخا جو سيد ! ڇا؟ داستان آهي.
واهر ڪجانءِ سائين ! محشر جي ڏينهن ۾ ڪا،
مون کي نه فڪر ٿيو ڇا، سودو زيان آهي.
تنهنجو در عنايت هرگز نه مان ڇڏيندس،
تنهنجي اڳيان غلامي منهنجو ئي مان آهي.
"گل" جون ڏسي ادائون ـ بلبل ڪيون صدائون،
جنهن جي مٿان نظر ڪئي اڄ باغبان آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

بيشڪ نبي اسان کان هرگز نه دور آهي،
ظاهر ڪٿي پري آ دل ۾ ضرور آهي.

پنهنجي ڪرم سان قادر ـ رهبر ڏنو پيارو،
احسان مند آهيون، مرسل مليو نيارو.
رحمت بڻيو سڀن لئي حضرت حضور آهي.

خير البشر بڻيو جو خير الانام آهي،
اهڙو نه ڪو عطا ٿيو ڪنهن کي مقام آهي.
نوري رسول انور جڳ لاءِ نور آهي.

جيڪو لٿو نبي تي بهتر ڪلام آهي،
تا حشر سڀ جي خاطر ڪامل پيام آهي.
هن ڪان فصاحتن ۾ گهٽ هو زبور آهي.

آدم اجا مٽي ۽ پاڻي اندر پيل هو،
ان کان اڳي محمد خاتم نبي ٿيل هو.
بيشڪ اها حقيقت ظاهر ظهور آهي.

آيو جڏهن محمد ٿي دور هر جهالت،
ذرتي تي ڪبريا جي ٿي دين جي اشاعت.
توحيد جو به وينو دل ۾ شعور آهي.

منهنجا رسولَ سائين، مشفق رفيق آهين،
وڏو والدين کان پي شافع ! شفيق آهين.
رشتو رسول توکان ڪٿڙو نه مور آهي.

ذڪر نبي عبادت، ذڪر نبي سعادت،
ذڪر نبي غنيمت، ذڪر نبي عنايت.
ذڪر رسول منهنجي دل جو سرور آهي.

اي مهربان ! تون ئي آهين پلو وسيلو،
توکان سواءِ "گل" جو هرگز نه آ ڪو حيلو.
ڪونهي عمل انهي ۾ هو پر قصور آهي.

Marfat.com

# نعت

کھڙي ڪري کھڙي ڪريان مدحت رسول الله جي،
بعد از خدا آهي اتم عزت رسول الله جي.
وھ واھ جو خلقي خدا، صورت سچي سردار جي،
ڇا حسن سان معمور آ صورت رسول الله جي.
جيڪو لکيل قرآن ۾ سو آ نبيءَ جي زندگي،
سارو سچو قرآن آ سيرت رسول الله جي.
بيشڪ خدا ڪئي مهر ۽ رحمت سچي عالم مٿان،
دنيا ڪئي محسوس آ رحمت رسول الله جي.
معراج ماڻي مصطفيٰ ٿيو صاحب رفعت نبي،
ڇا شان آ مرسل سندو شوڪت رسول الله جي.
علم لدني ۾ محمد خضر کان ڀي آ مٿي،
لقمان کان ڀي آھ وڌ حڪمت رسول الله جي.
ڪيئي ڏٺا دنيا هتي پر رعب چهرا پر وقار،
آهي سمورن کان مٿي حشمت رسول الله جي.
مرسل خدا جي خلق کي ايمان جي دولت ڏني،
بيشڪ سين آ کان اتم دولت رسول الله جي.
چاهيو ٿا جي رب جي رضا مرسل جي ڪريو پيروي،
آهي خدا جي پيروي طاعت رسول الله جي،
مون کي کپي هرگز نہ ٿو ناز و ادا سهڻن سندو،
پر ٿي کپي مونکي فقط الفت رسول الله جي.
"هي خوب گلدستو سجايو آھ "گل" نعتن سندو،
آ نعت ۾ محسوس ٿي راحت رسول الله جي.

Marfat.com

# نعت

ڏاهي ڇڏيا تو بت ڪده ـ منهنجا نبي خير الوريٰ،
توئي ڏسي توحيد آ ـ منهنجا نبي خير الوريٰ.

ڄائين ڀلي اي دلربا ـ تنهنجي ڪجي ٿي مرحبا،
مؤمن سمورا خوش ٿيا. منهنجا نبي خير الوريٰ.

تنهنجي ولادت جي ڪري، دنيا سموري ٿي نري،
ڪفار ۾ ماتام آ، منهنجا نبي خير الوريٰ.

توکان اڳي بيت صمد ـ ڇڻ ٿي لڳو بيت صنم،
ڪعبي مان بت تو سڀ ڪڍيا ـ منهنجا نبي خير الوريٰ.

توئي ڀڳو لات وعزيٰ ـ هر بت ڪيئي زير و ذرا،
مشرڪ سيئي رسوا ٿيا. منهنجا نبي خير الوريٰ !

محبوب ! تو روشن ڪيو، اونداهه عالم جو سڄو،
بادل جهالت جا ويا. منهنجا نبي خير الوريٰ.

توکي ملي آ سروري ـ تنهنجي ڪبي ٿي رهبري،
هر شاهه ٻيي تنهنجو گدا. منهنجا نبي خير الوريٰ !

توکي چوان شمس الضحيٰ يا مان چوان بدر الدجيٰ،
تنهنجو نرالو نور آ. منهنجا نبي خير الوريٰ !

توسان خدا جو پيار آ. ولسوف جو اقرار آ.
اي شافع روز جزا ـ منهنجا نبي خير الوريٰ !

توکي مليو قرآن آ ـ جو رب جو فرمان آ.
جو قلب ڪاري لئي جلا ـ منهنجا نبي خير الوريٰ.

منهنجو سڄڻ محبوب تون، من ۾ سدا موجود تون،
ٿي گهور توتان "گل" سدا منهنجا نبي خير الوريٰ !

☆

Marfat.com

# نعت

ڇائين پلي اي پرجهلا ـ صد مرحبا، صد مرحبا،
آئين پلي اي دلربا ـ صد مرحبا ـ صد مرحبا.

تنهنجي ڇمڻ سان سيدا، ايوان ڪسريٰ جا لڏيا،
ڪفار ۾ پيا زلزلا ـ صد مرحبا ـ صد مرحبا.

هر روح کان اڳ روح تنهنجي رب ڪي مالڪ مڃيو،
توکان ٿي اهڙي ابتدا ـ صد مرحبا، صد مرحبا.

تون رهبرِ معراج آن ـ مخلوق جو سرتاج آن،
اي تاجدار انبياءَ ـ صد مرحبا، صد مرحبا.

توئي مٽايو ظلم کي، قائم ڪيو تو عدل کي،
مظلوم جو آن همنوا، صد مرحبا، صد مرحبا.

تنهنجي حياتي جو قسم ـ قرآن ۾ لکيل ڏنم،
تنهنجو مٿاهون مان آ ـ صد مرحبا، صد مرحبا.

اي مصطفيٰ ماه جبين، تنهنجو نه مٽ ڪوئي حسين،
آهين سچڻ حسن خدا، صد مرحبا، صد مرحبا.

آهين سندم محبوب تون ـ دل ۾ سدا موجود تون،
تنهنجي وٽي تي هر ادا ـ صد مرحبا، صد مرحبا.

تنهنجي سپاهن سان مٺا، دم ڇا هٽي رستم پلا،
سهراب پي ڪجھ ڪونه آ ـ صد مرحبا صد مرحبا.

آهين نبي حرمين جو ـ والي ولي دارين جو،
هت هت اسان جا آسرا ـ صد مرحبا، صد مرحبا.

توکي عطا تي رهبري، هرگز نه ڪئي تو شاعري،
تنهنجي زبان مان "گل" ڇڻيا، صد مرحبا، صد مرحبا.

☆

Marfat.com

# نعت

توکان سوا منهنجو هتي زنده رهڻ بيڪار آ،
تنهنجي جدائي جي برابر ڪونہ ٻيو آزار آ.
تنهنجي جدائي ۾ ٿيو آ حال هيٺو قلب جو،
ڪرڪا نظر بدحال تي جيڪو ٿيو بيمار آ.
تنهنجي وڇوڙي جي ڪري دل صبر ڪان ٿي آ پري،
هر هر پئي سڏڪا ڀري مجبور آ لاچار آ.
روز ازل ڪان ئي اتم ـ توسان سڄڻ ناتو سندم،
توسان وفائي جو ڪيو مون عهد ۽ اقرار آ.
ديدار تنهنجي جي رڳو هڪڙي جهلڪ مون کي کپي،
منهنجي پريشاني جو حل تنهنجو فقط ديدار آ.
تنهنجي جدائي جو پيو بي جان تڙ تي پي اثر،
بي جان بند، انسان جان روئي پريو سڏڪار آ.
تنهنجي لبن جي سونهن ڇا؟ تنهنجي اکين جي ڇا جلا؟
محبوب! تنهنجي مرڪ ۽ سهڻي سندءِ گفتار آ.
مان حسن تنهنجي جي مٿان دنيا سڄي گهوري ڇڏيان،
دنيا سڄي جي سونهن ڪان سهڻو سندءِ رخسار آ.
تنهنجي اڳيان شمس و قمر جو نور ويو شرمائجي،
ڇا حسن تنهنجو آ پرين ۽ نور پي نروار آ.
تنهنجي محبت جو ٻڌيو مظهر وري حضرت اويس،
کهڙي طرح جانب ڪيو الفت سندو اظهار آ.
هي "گل محمد شاهہ" پي آ سام تنهنجي سيدا!
هن ملڪ ڪان جنهن کي گهڻو تنهنجي وطن سان پيار آ.

☆

Marfat.com

# نعت

اي آمنا جا لاڏلا ـ محبوب مرسل مرحبا !
اي مرڪزِ نور هديٰ ـ محبوب مرسل مرحبا !

اي صاحب لطف و ڪرم ـ اي صاحب جود و سخا،
تنهنجي سخا بي انتها ـ محبوب مرسل مرحبا !

تنهنجو وڏو آ مرتبو ۽ شان پڻ تنهنجو بلند،
اي مرتبن وارا پلا ! ـ محبوب مرسل مرحبا !

دنيا بہ آ تنهنجي ڪري ـ عقبيٰ بہ آ تنهنجي ڪري،
تولئي ٿيا ارض و سما ـ محبوب مرسل مرحبا !

دنيا ۾ تو ڪوڙي ڇڏيو ـ حق و صداقت جو علم،
اي بي ريا ـ اي بي ڊپا ـ محبوب مرسل مرحبا !

الله ـ توکي آخري هادي بڻائي موڪليو،
آهين تون ختم الانبياءَ ـ محبوب مرسل مرحبا !

تو مسجد اقصيٰ وچي ڪئي هر نبي جي اقتديٰ،
آهين امام الانبياءَ ـ محبوب مرسل مرحبا !

الله جي توحيد جي تعليم دنيا کي ڏنئي،
تو بتڪده ۽ بت ڀڳا ـ محبوب مرسل مرحبا !

توکي چوان خير البشر يا مان چوان نوري نبي،
هر وصف ۾ سڀ ڪان سٺا محبوب مرسل مرحبا!

کهڙا لکي کهڙا لکان اوصاف تنهنجا شعر ۾،
کهڙا ڪيان جملا ڪنا ـ محبوب مرسل مرحبا !

سهڻا سڄڻ ! تنهنجي ڪري دنيا معطر ٿي وئي،
تو گلستان کي "گل" ڏنا ـ محبوب مرسل مرحبا!

☆

Marfat.com

# نعت

مان ساھ سر صدقو ڪريان نوري نبيءَ جي نام تان،
دنيا سڀ گھوري ڇڏيان محبوب جي اسلام تان.
محبوب جو ھر ھڪ ڪلام آ ڪبريا جو ڄڻ ڪلام،
صدقي سندس گفتار تان ڪردار تان احڪام تان.
مرسل ٻڌايو "عبد" کي معبود جو پيغام حق،
پوءِ ڇونہ مان صدقي ٿيان ان جي عجب پيغام تان.
ھن سان نڀايو واھ جو عمار ۽ ياسر بلال،
گھر گھاٽ جن گھوري ڇڏيو "قالوا بلىٰ" انجام تان.
مرسل مٿي الله جي رحمت ڪئي تقسيم آ،
ھر ھر فدا ھن تان ٿيان ھن جي وري اڪرام تان.
عربي سندي آرام تان بوبڪر ٿيو مسموم ھو،
بوبڪر تان صدقي ٿيان صدقي ٿيان آرام تان.
ھن جي حياتيءَ جو قسم آ خود ڪنيو پروردگار،
سر گھور جي محبوب جي ھر صبح تان ۽ شام تان.
ھن جي نمازن تان ٿيان صدقي زڪواتن تان وري،
صوم و جھاد و حج تان صدقي ٿيان احرام تان.
ھن جا صحابي پرجھلا سارا سونھارا ھئا سچا،
صدقي ٿيان ھر ھڪ صحابي خاص تان ۽ عام تان.
ھي "گل محمد شاھ" آ عربي نبيءَ جي آسري،
ھن لئي لکي ٿو نعت ۽ گھوري ٿو سر گلفام تان.

☆

Marfat.com

# نعت

منهنجا سردار نبي ـ منهنجا غمخوار نبي،
ساري دنيا جو تيئن ـ سونهن سينگار نبي.
تنهنجو فرمان اُتم ـ تنهنجو آ شان اتم،
تون رسولن جو بڻين خوب سالار نبي.
تنهنجي گفتار مٺي، تنهنجا اخلاق چڱا،
تنهنجي مٽ ڪونہ ٿيو ڪنهنجو ڪردار نبي.
توئي قرآن ڏنو، دين ايمان ڏنو،
تو ڪيو دين سندو کولي اظهار نبي.
عرش جو ناز بہ تون رب جو راز بہ تون،
توکي الله ڏسيا سارا اسرار نبي.
سهڻو سردار بہ تون عالي سرڪار بہ تون،
دل جي رفتار بہ تون، منهنجا دلدار نبي.
جسم جان پاڪ رکڻ، پاڪ پوشاڪ رکڻ،
ساڻ مسواڪ رکڻ، تنهنجو اطوار نبي.
وس اي رحمت جا ڪڪر- مون تي ڪر پنهنجي نظر،
شال ٿئي سولو سفر ـ ڪشتي ٿي پار نبي.
ڪيترا يار ڏٺم يار اغيار ڏٺم،
ڪو وفادار نہ ٿيو، تون وفادار نبي.
تيسين شل ڪين مران، جيسين مان تو ڏي اچان،
تنهنجي روضي کي پسان، توڻي هڪ وار نبي.
"گل" مان گلزار بڻاءِ ـ پنهنجو ديدار ڪراءِ،
منهنجا سڀ عرض اگهاءِ ـ اي سچا يار نبي.

☆

Marfat.com

# نعت

ذات آ تنهنجي يلي ـ ڳالهہ يي تنهنجي اتم،
ذات تنهنجي جو ڪنيو خود خدا آهي قسم.

اي نبي نور هديٰ ـ تنهنجي ڪئي مدح خدا،
ڪا نہ ٿي پوري ثنا ـ منهنجو بي وس آ قلم.

اي نبي ماه لقا ـ حسن ڇا جلوه نما؟
خلق يي خلق خدا ڇا ڪجي تنهن کي رقم.

تون رهين فرش زمين، پر گهمين عرش برين،
اي مديني جا مڪين، تنهنجو آ عرب عجم.

هي جهان تنهنجي ڪري ـ هو جهان تنهنجي ڪري،
هر زمان تنهنجي ڪري ـ تنهنجي لئي لوح و قلم.

اي نبي بحر سخا ـ تو اڳيان سارا گدا،
مون مٿان ڪر يي عطا ـ دور ٿين رنج و الم.

اي نبي تنهنجي ڪري ـ تو ٻڏل ٻيڙو تري،
تنهنجي صدقي ٿي خدا تو ڪٽي ڪونہ قدم.

تنهنجي رحمت جي ڪري، عڪرمہ يي تو تري،
پر ابوجهل آ پري، جنهن مڃو ڪونهي ڪرم.

شاهہ سلطان سيئي، حور و غلمان سيئي،
جن، انسان، سيئي توتان قربان ڪندم.

ڇا ڪندي ڪنهنجي زبان ـ تنهنجي رفعت جو بيان،
آ بلند تنهنجو مڪان تون شهنشاهہ امم.

اي نبي عبد خدا، تنهنجا اوصاف ڇڱا،
توتان "گل" گهور ٿيان، صاحب لطف و ڪرم.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد ڪئي جڳ ۾ چانڊاڻ آهي،
محمد جي آئي تي سرهاڻ آهي.

محمد ڪيو خاص احسان آهي،
محمد ٻڌايو هي قرآن آهي.
محمد ڏني سچ سندي ڪاڻ آهي.

محمد ڪيو آ جهانن کي روشن،
محمد ڪيو آشيانن کي روشن.
محمد ڏني خوب چانڊاڻ آهي.

محمد بلاشڪ سمورا پيڳا بت،
محمد ٻڌائي اسان کي آ وحدت.
محمد مٽائي هي ڪاراڻ آهي.

محمد مٽائي جهان مان خزان آ،
محمد ڪيو هر خوشي کي عيان آ.
محمد جي آمد تہ سرهاڻ آهي.

محمد جي مدحت خدا خود ڪري ٿو،
محمد جي مدحت سان مومن نري ٿو.
محمد جي هر جاءِ واڪاڻ آهي.

محمد يقيناً ٻٽيو خوب "گل" آ،
محمد تي عاشق چمن قول قل آ.
محمد ڏني "گل" کي لالاڻ آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد نبين جو سالار آهي،
محمد سمورن جو سردار آهي.

محمد نبي سڀ جو سرتاج آهي،
محمد کي حاصل ٿيو معراج آهي.
محمد جهانن جو سينگار آهي.

محمد مٺو آ جهانن جو والي،
محمد جي عظمت سين ڪان نرالي،
محمد نبوت ۾ نروار آهي.

محمد ڏنو دين ايمان آهي،
محمد ٻڌايو ته رحمان چاهي،
ڪيو هن صداقت جو اظهار آهي.

خدا پاڪ ڏي ٿو محمد آ قاسم،
خدا جي خدائي ۾ مقبول ناظم،
اڙين ۽ ابوجهن جو آذار آهي.

خدا آ وڌائي محمد جي عظمت،
جهانن مٿان آ محمد جي رحمت،
خدا جي ڪرم ساڻ سرشار آهي.

جتي ڪم نه ايندو ڪٽنب ۽ قبيلو،
اتي پيو محمد اسان جو وسيلو،
اسان عاصين لئي شفادار آهي.

محمد جي صدقي هي ڪون و مڪان آ،
محمد جي صدقي زمين آسمان آ،
انهي جي ڪري "گل" ۽ گلزار آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

نبيءَ جهڙو پلو رهبر ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي،
انهيءَ جهڙو نبي انور، ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
ڏنا چشم فلڪ ڪيئي خدا جا دلربا دلبر،
نبيءَ جهڙو مگر دلبر ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
سخي ڪيئي ويا گذري سخاوت جون ڇڏي ڳالهيون،
نبيءَ جي در جيان ڪو در ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
محمد جي محبت ۾ رنو هو تڙ ڪجي جو يي،
پلارو ان جيان منبر ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
سبق سيکاريو عربي طهارت پارسائي جو،
انهي جهڙو نبي اطهر ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
محمد کي عطا قادر ڪيو آ حوض ڪوثر جو،
انهي جهڙو پيو ڪوثر، ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
صداقت ۾ مٿي بوبڪر آ سيني صحابن کان،
سچو اهڙو پلو بهتر ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
محمد جي عدالت جو عمر کي فيض ٿيو حاصل،
عمر عادل جيان اظهر ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
محمد جي سخاوت جو بڻيو عثمان هو مظهر،
سخي عثمان جان گوهر ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
محمد جي شجاعت جو عليءَ ۾ هو اثر ڏاڍو،
جهان ۾ مثل ڪو حيدر ـ ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.
خدا جي "گل" گلابي آ ڪيو گلزار عالم کي،
انهي جهڙو گل خوشتر، ڏنو چشم فلڪ ڪونهي.

☆

Marfat.com

# نعت

نبيءَ جي روءِ روشن تان فدا ساري خدائي آ،
نبيءَ جي نور کان هلڪي قمر جي روشنائي آ.
نبيءَ جي روءِ روشن کي پڙهيم سورة ضحيٰ اندر،
نبيءَ جي پاڪ زلفن جي نزاڪت ئي سوا ئي آ.
محمد جي رخ انور برابر سونهن ڪانهي ڪا،
انهي جهڙي خدا هرگز نه ٻي صورت بڻائي آ.
محمد جي مبارڪ تر مٿان گهوريان حسين موتي،
انهي جي ذڪر ۾ "حافظ" عمر پنهنجي کپائي آ.
محمد جي بصارت جا ٻڌاسون معجزا ڪيئي،
نگاهه مصطفيٰ جي عرش تي تي پي رسائي آ.
زبان مصطفيٰ موهي وڏو آهي فصيحن کي،
محمد کي ملي جيڪا فصاحت سا عطا ئي آ.
اتم مرجان کان آهن محمد جا مبارڪ ڏند،
انهن لؤ لؤ ۽ ياقوتن سني هل چل مچائي آ.
محمد جو بدن وڏ آ مطعر مشڪ عنبر ڪان،
محمد جي پسيني ۾ عجب خوشبو سمائي آ.
ٻڌو جنت اندر نعلين جو آواز تي عربي،
ڪٿي مکو؟ ڪٿي جنت؟ سماعت جي اڇائي آ.
محمد جا عجب ابرو، عجب آ ريش عربي جي،
ملائم وار سائين جا، عجب تن ۾ صفائي آ.
نبيءَ جي "گل" معطر ڪئي فضا سارن جهانن جي،
محمد جي عجب غمزن وري رونق وڌائي آ.

☆

Marfat.com

# نعت

مبارڪ باد جي لائق قمر ۽ ڪهڪشان آهي،
ستارا پيي سيئي شمس و زمين و آسمان آهي.

قمر توکي مبارڪ آ مجو تو حڪم عربي جو،
تئين تڪرا جڏهن توکي ڇيو فخر زمان آهي.

ڏنو آ ڪهڪشان سهڻي محمد جو جبين سهڻو،
ڏسي هڪ دم چيائين هي حسين دوجهان آهي.

تيا سڀ آسمان وارا، ستارا محو حيرت ۾،
ڏسي جلوا ڇيو سيني اجا راز نهان آهي.

پلا تيا ياڳ تنهنجا جو زمين تو ۾ محمد آ،
نبي جو جسم تو ۾ آ اهو نڪتو عيان آهي.

ڪئي معراج مدني جا اين جي سا سعادت آ،
انهن کي فخر آ گذريو نبي تن جي مٿان آهي.

اجهو سورج مڃان تو مان نہ تو ۾ تاب ڏاڍو آ،
ملائم نور پر جنهن ۾ اهو پيو مهربان آهي.

قمر جي سونهن مان گهوريان نبيءَ جي حسن ڪامل تان،
قمر ڪان پيي بلاشڪ مصطفيٰ سهڻو اجان آهي.

تيان قربان "رومي" تان ۽ "جامي" "شيخ سعدي" تان،
نبيءَ جي جن ثنا ۾ ختم ڪئي عمر گران آهي،

هوا تون بخت واري آن گهلين تي پئي مديني تي،
ڪري ڇا ريس "گل" توسان نہ تيو جو تو جيان آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد ! مصطفيٰ تون آن ـ نبي نور الهديٰ تون آن،
سچڻ شمس الضحيٰ تون آن ـ پرين بدرالدجيٰ تون آن.

بلاشڪ نور تنهنجي ڪان ٿيو روشن جهان آهي،
نبي نوري، منا مدني، پلا ! نور خدا تون آن.

منا مرسل!! مڪو توکي خدا ساري زماني لئي،
سموري نوع انسان جو پلارو پيشوا تون آن.

خدا سيني نبين کي اماڻيو دين حق خاطر،
انهن سارن نبين جو بلاشڪ مقتديٰ تون آن.

جهالت جي انڌيرن ۾ تو ٻاري نور جي مشعل،
نہ تي تڪليف ٿئي جنهن سان اها رب جي ضيا تون آن.

پڙهي الله ٿو خود پي صلواتون سڪ منجهان توتي،
پڙهي مخلوق ٿي جنهن تي اهو سرور سچا تون آن.

خدا جو خلق خو آهين، اسان جي آبرو آهين،
ٻڌيو خير البشر آهين، ٿيو خير الوريٰ تون آن.

"لواءِ الحمد" محشر ۾ پرين توکي خدا ڏيندو،
سچڻ ! روز قيامت ۾ بہ همدم پيشوا تون آن.

خدا خود پيار مان توکي ڏنو آ حوض ڪوثر جو،
منا "محمود" جا مالڪ حبيب ڪبريا تون آن.

منا مون کي قيامت ۾ بہ تنهنجو آسرو آهي،
سوا تنهنجي وجان ڪاڏي شفيع روز جزا تون آن.

ڏنو چشم فلڪ اهڙو، نہ ڪو "گل" باغ عالم ۾،
نہ بستان ۾ ٿيو پيدا، جيئن سهڻو صفا تون آن.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو،
رسول مجتبيٰ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
مبارڪ باد جي آواز جو پڙلاءُ ٻڌجي ٿو،
نبي نور خدا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
شهنشاهه محبت جي ولادت باسعادت آ،
شهه هر دوسريٰ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
محمد جي ولادت سان ڀڳو ڪنڌ بت پرستن جو،
ڀلارو پيشوا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
ڪئي جنهن مسجد اقصيٰ ۾ اڳواڻي نبين جي،
امام الانبياءَ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
خدا جو خاص دلبر آ ـ سراسر نور انور آ،
حبيب ڪبريا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
نبي اجمل جميل آهي، حسينن کان حسين آهي،
منو ماه لقا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
نبي اول محمد آ ـ نبي آخر محمد آ،
سو ختم الانبياءَ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
محمد صاحب رحمت، محمد صاحب شفقت،
محمد دلڪشا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
هتي حامي هتي شافع، ڪرم پنهنجو ڪندو جاني،
شفيع روز جزا ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.
گلابي "گل" نبيءَ کان گهٽ قمر ڀي آ انهي کان گهٽ،
ڀلو بدر الدجيٰ ڇايو ـ ڀلي ڇايو ـ ڀلي آيو.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ عربي سندو اسلام زنده باد،
نبي زنده، نبي جو دين ۽ پيغام زنده باد.
محمد ئي ڏني قرآن جي تعليم دنيا کي،
هجي هن جي ڏنل تعليم هر جاءِ عام زنده باد.
انهي کان جنهن عقيدي ۽ عبادت جا سبق مليا،
اهي سارا سبق، سهڻا، سچا احڪام زنده باد.
جهاد اڪبر، زڪواة و صوم صلواتون ۽ خيراتون،
طواف اضحيٰ ۽ عمره حج ۽ احرام زنده باد.
محمد محسن عالم، ڪرم جيڪو ڪيو آهي،
رهي دنيا ۾ هن جو سو ڪيل اڪرام زنده باد.
نبيءَ جي ذات آ نعمت برابر باعث برڪت،
اها نعمت الاهي ۽ اهو انعام زنده باد.
محمد جي مٺي نالي اندر شيروشڪر آهي،
پياري جو پيارو پاڪ مٺڙو نام زنده باد.
محمد جي اطاعت لئي ازل کان عهد آ پنهنجو،
ڪيل قالو بليٰ جو قول ۽ انجام زنده باد.
محمد جي غلامي آهه بهتر بادشاهي کان،
محمد جي غلاميءَ جو هجي هر دام زنده باد.
مٺو مرسل پيارندو اسان کي آب ڪوثر جو،
سچڻ جو آب ڪوثر ۽ صراحي جام زنده باد.
خدا جي باغ ۾ اهڙو نرالو "گل" نه ٿيو پيدا،
اهو گوهر انهي گلشن سندو گلفام زنده باد.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد جي ڪري خلقي خدا ساري خدائي آ،
انهي جي ذات خاطر ئي خدا جنت سجائي آ.
رسول الله جي صدقي سڄي دنيا بڻي روشن،
انهي نوري ڪري شمس و قمر ۾ روشنائي آ.
مهذب مصطفيٰ خاطر ادب اخلاق ٿيو پيدا،
سندس ڪردار تي قائم صداقت ۽ سچائي آ.
شرافت جا ٻڌل بيڙا، تريا محبوب جي دم سان،
سڄي سرور ڪري رب ڪئي صفا سولي سٺائي آ.
سندس دعوت ڪيو برباد نفرت ۽ عداوت کي،
سڄڻ ئي قلب ڪاري مان ڪدورت ڪل مٽائي آ.
پرين پياري پريت ۽ پيار سان دليون ڇڏيون جوڙي،
مٺي مرسل محبت جي مٺي ٻولي ٻڌائي آ.
امڙ ڇاهي؟ ابو ڇاهي؟ ادي ڇاهي؟ ادو ڇاهي؟
انهن سان جا رهي نسبت اها سيد سٺائي آ.
پلاري، خون جي پياسن مٿان پي مهرباني ڪئي،
برن ٻيڙن مٿان پي ڪئي، پلي پورل پلائي آ.
مقدس زندگي جنهن جي بڻي مومن لئي مشعل آ.
سندس سيرت مبارڪ ۾ صفائي پارسائي آ.
فرشتا پي پرين تا حاضري سڪ ساڻ جنهن در تي،
انهي جي در سندو "گل" پي سدا گولو گدائي آ.

☆

Marfat.com

# نعت

رسولن ۾ محمد جي رسالت وڏ عظيم آهي،
محمد مصطفيٰ آدم حوا کان پي قديم آهي.
محمد رحمت عالم شفيقن کان شفيق آهي،
مخالف پي مڃن ٿا هي ڪريم ابن الڪريم آهي.
ڏئي اسلام ۽ مرسل، ڪيو الله ٿورو آ،
خدا جي نعمتن ۾ وڏ نبي اعليٰ نعيم آهي.
خدا، رحمان جي رحم و ڪرم جي ڪرشمي سببان،
وجود مصطفيٰ بڻجي ويو راحم رحيم آهي.
نبيءَ کي جنهن مڃيو سو ٿيو مبارڪ باد جي لائق،
خدا ٿورو ڪري تنهنکي ڏنو قلب سليم آهي.
اسان جو رهنما رهبر، حياءُ ۽ شرم جو پيڪر،
ڪيو صبر و تحمل جنهن اهو هادي حليم آهي.
خدا سان طور سينا تي ڪئي ٿي گفتگو موسيٰ،
محمد عرش تي پهچي خدا سان ٿيو ڪليم آهي.
گناهن جو مريض آ جو وڃي جلدي محمد ڏي،
اهو ٿي هر مرض خاطر وڏو حاذق حڪيم آهي.
نبيءَ جو سخن پي بالا، انهيءَ جو فهم پي اعليٰ،
رسول الله جهڙو ڪو نه ٿيو پيدا فهيم آهي.
محمد جي شريعت جو نه ڪر انڪار اي غافل!
ڪري انڪار تو جيڪو بڌي ڇڏ، سو رجيم آهي.
محمد جي گلابي "گل" ڪيو هبڪار آ هر هنڌ،
نبيءَ جي باغ جو خود باغبان اعليٰ عليم آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ مدني نبي نور الهديٰ آهي،
امام العالمين آهي، امام الانبياءَ آهي.

خدا خلقيو سڀي دنيا سندو جنسار جانب لئي،
حبيب ڪبريا خاطر ٿيو ارض و سما آهي.

خدا جي خلق ساري ۾ محمد بي مثال آهي،
انهي جهڙو در يڪتا نہ خلقيو ٻيو خدا آهي.

انهي نور هدايت سان ڪيو سنسار کي روشن،
اهوئي دور ظلمت ۾ ٻٽيو حق جي ضيا آهي.

رسول الله رهبر تان سڀيءَ دنيا ڇڏيان گهوري،
انهي تي گهر ٻچن سوڌو سندم سرڙو فدا آهي.

زماني جي نظارن ۾ عجب منظر مديني جو،
مديني جي معطر ٿي وئي ساري فضا آهي.

خدايا مير مدني جو پساءَ ديدار جلدي ڪو،
اها منهنجي صدا آهي اها دل جي دعا آهي.

خدا جي تا رضا چاهيو تہ پوءِ راضي ڪيو هن کي،
انهي جي راضپي ۾ ئي خداوند جي رضا آهي.

نبيءَ جي نانءَ جي نسبت اها مون لئي سعادت آ،
سندس نالي مبارڪ سان ٿيو "گل" آشنا آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ بهتر ـ اوهان جو خلق خو آهي،
خدا جي قدرتن جو ۾ ـ اوهان ۾ رنگ و بو آهي.
اثر دائود جي آواز ۾ والله هو بيشڪ،
اوهان جي پر سمورن ڪان ملائم گفتگو آهي.
اوهان جي ئي ڪري پيدا ٿيا ارض و سما آهن،
اوهان جي ذات ئي ارض و سما جي آبرو آهي.
اوهان جي ننڊ پڻ ڏاڍو نرالو معجزو آهي،
اوهان ڪي ننڊ ۾ رکيو خداوند باوضو آهي.
ٻڌو موسيٰ خدا کي پر اوهان رب کي ڏٺو آهي،
هتي آ "لن تراني" هت خدا ٿيو روبرو آهي.
اوهان جي صدق ديانت کي مڃو آ غير مسلم پڻ،
اوهان صادق امين آهيو، ڇيو هر هڪ عدو آهي.
اوهان کي رب ڪيو آهي بلند سيني جهانن ۾،
اوهان جي عظمتن جو پڻ پڙاڏو ڪو بڪو آهي.
قيامت ۾ پيارينداءِ اسان کي آب ڪوثر جو،
اوهان جي آب ڪوثر جان نہ پيو جام و سبو آهي.
وڃان هيڪر مديني ڏي ڏسان شل گنبد خضريٰ،
اها منهنجي صدا آهي اهائي آرزو آهي.
نڪي مون آس لاتي آ، نہ ئي غمگين آهيان جو،
پڙهيم فرمان فائق جو لکيل "لا تقنطوا" آهي.
نبيءَ جي، نانءَ تان اڄ پڻ فدا هر هڪ ٿئي تو "گل"
انهيءَ تي جو فدا ٿئي تو اهو ئي سرخرو آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

خدا! تنهنجا لکين ٿورا، مڪئي جو مصطفيٰ رهبر،
ڏنئي قرآن ۽ اسلام ۽ ايمان جو جوهر.
محمد کي بڻايو تو جهانن لاءِ رحمت آ،
وسائي عالمن تي آ، نبي رحمت وري هر هر.
جڏهن ڇائو محمد هو جهانن ۾ جهالت هئي،
محمد جي هدايت پوءِ سڄي دنيا ڪئي انور.
محمد ئي ڇڏايو آ هوا ۽ حرص دنيا کان،
پليدي کان ڪڍي هن ئي بڻايو پاڪ ۽ اطهر.
نبيءَ سائين ڪيا پڌرا سمورا راز الفت جا،
خدا سان جو بندي جو آ تعلق هن ڪيو ظاهر.
لکين پيدا ٿيا مخلوق ۾ الله جا پيارا،
مگر مخلوق ۾ رب جو اتم هن کان ٿيو دلبر.
محمد ئي سهارو آ، غريبن ۽ يتيمن جو،
ضعيفن ۽ مريضن، عورتن جي لئي بڻيو آڌر.
سڄڻ جو نانءُ آ سهڻو مبارڪ رحمتن وارو،
ثنا وارو، ڪرم وارو، شرف وارو، نبي طاهر.
قيامت ۾ بچائيندو سچو سيد جهنم کان،
اهو ايمان وينو آ، "نبي آ شافع محشر".
ڪٿان آڻيان اهو طوبيٰ لکان جو نعت پيغمبر،
هجن ڪاغذ، مسون ڪهڙيون هجي ڪهڙي زبان خوشتر.
نبيءَ جي "گل بخاري" چا ثنا پوري ڪري سگهندو؟
خدا کان بعد بس آهي محمد شان ۾ برتر.

☆

Marfat.com

# نعت

سچڻ سان جو ڳنڍيم رشتو، اهو هرگز نہ ڪٽڻو آ.
انهي آقا جي خدمت ۾ هميشہ لاءِ رهڻو آ.

محمد جي غلامي ۾ ملي جنت تي مومن کي،
تہ پوءِ ان ۾ ئي جيئڻو آ وري ان ۾ ئي مرڻو آهي.

محمد مصطفيٰ آهي سراپا شفقت و رحمت،
پلاري ڪان اڇي رحمت وٺي جنهن کي بہ اچڻو آ.

هٿين خالي هتي جو ويو اهو پرجي اتان موٽيو،
خزانو خير برڪت جو انهي جي در ڪان ملڻو آ.

هدايت جو وسيو باران رحمت چا نہ ! "هنده" تي،
سحاب هاديءِ عالم سڄي دنيا تي وسڻو آ.

محمد جي سپاهين جا پڙهيا ڪجھ ڪارناما مون،
"عمرو" "خالد" "علي" "جعفر" مٿان سر گھور ڪرڻو آ.

مساوات نبيءَ جو آ عجب منظر نماز ۽ حج،
جتي هڪ حال ۾ سڀ کي خدا وٽ پيش ٿيڻو آ.

سڄي سيد سوا ڪوئي وسيلو ۽ نہ حيلو آ،
هتي پي ۽ هتي پي بس سهارو هن جو وٺڻو آ.

بلاشڪ حسن جا دنيا ۾ منظر بي شمار آهن،
مگر منظر مديني جو سٺن ڪان زور سهڻو آ.

نبيءَ جو عشق، جنهن ۾ ناهہ سا دل ڪانہ تي گھرجي،
انهي ڪاري، ڪٺيل دل سان، جهاد اڪبر بہ ڪرڻو آ.

لکي ڪو ڪوڙ ڪنَ خاطر، لکي ڪو ڏوڙ ڏن خاطر،
"بخاري گل" مگر توکي نبيءَ جو شان لکڻو آ.

☆

Marfat.com

# نعت

مريضن ۽ سقيمن، دردمندن لئي دوا آهيو،
اسان پارن ابوجهن جي صدا آهيو دعا آهيو.
اوهان جو آسرو آهي تہ محشر ۾ شفيع ٿيندؤ،
خدا جي حوض جا ساقي! شفيعِ روز جزا آهيو.
اوهان جي معجزن کي تو ڪريان تسليم مان دل سان،
وڃي عرش عليٰ پهتؤ اڃا پيي وڌ علا آهيو.
اوهان جي ذات ۾ ڳولي لڌم الله جي الفت،
پلارا، پرجهلا سائين ! اوهان رب جي رضا آهيو.
خدا آ رهنما جنهن ڪئي مڪمل رهنمائي آ،
مگر مرسل اوهان ئي راهبر ۽ رهنما آهيو.
خدا هرگز نہ آهيو پر خدا جا موڪليل آهيو،
خدا جي خلق ساريءَ جا بلاشڪ پيشوا آهيو.
اوهان جي مدح پئي ٿي ڳائجي سنسار ساري ۾،
حقيقت ۾ اوهان ئي خود سراسر باثنا آهيو.
ٿيو ڪوئي صفي الله، نجي الله، خليل الله،
اوهان شان محبت ۾ حبيب ڪبريا آهيو.
نبوت ۽ رسالت تي، اوهان جي ذات تي ڪامل،
نبي الآخرين آهيو ۽ ختم الانبياءَ آهيو.
اوهان جو لطف پيي اعليٰ، اوهان جو فضل پيي افضل،
ڪريم ابن ڪريم ۽ صاحب جودو سخا آهيو.
اوهان بابت رکي ٿو "گل بخاري" هي عقيدو پڻ،
"سڀني مخلوق کان بهتر، خدا جا دلربا آهيو."

☆

Marfat.com

# نعت

ڪٺي پيغام رباني رسول الله آيو آ.
جهالت جي انڌيرن ۾ هي نور الله آيو آ.
محمد جي ڪري الله سائين ڪي سجاتوسين،
خدا جي پڻ سڃاڻپ لئي صفي الله آيو آ.
محمد جي اچڻ ڪان اڳ جهنم تي لڳي دنيا،
جهنم ڪان بچائڻ لئي نجي الله آيو آ.
خدا جي خلق ساري ۾ تيا ڪيئي سندس دلبر،
خدا جو خاص پيارو تي خليل الله آيو آ.
محمد سان تڪلم تيو خدا جو عرش اعظم تي،
محمد مصطفيٰ مدني ڪليم الله آيو آ.
خدا جي حڪم سان عيسيٰ ڪيو مردن کي زنده ٿي،
محمد مرده دلين لئي تي روح الله آيو آ.
خدا جي پاڪ ذرتي تي مثالي عبد هي آهي،
انهي اعزاز ۾ بيشڪ تي عبدالله آيو آ.
نبي آهي خدا جي دين جي رحمت جهانن لئي،
اهو بڻجي اسان خاطر رئوف الله آيو آ.
محمد آ خدا کي خاص پيارن ڪان بہ وڌ پيارو،
خدا جو خاص پيارو هي عزيز الله آيو آ.
خدا جي خاص پيارن مان نبي موسيٰ بہ هو پيارو،
مگر عربي محمد تي حبيب الله آيو آ.
خدا جي هن خدائي ۾ نہ تيو پيدا نبيءَ جهڙو،
ثنا جي واسطي "گل" تي ثناءُ الله آيو آهي.

☆☆

Marfat.com

# نعت

محمد کي بڻايو رب "امام العالمين رهبر"،
جهانن جي قيادت ڪئي، مديني جي مڪين رهبر.
هدايت لئي وني هادي، هديٰ جي ڪيميا آيو،
گناهن کان ڇڏايو آ نبي نور مبين رهبر.
ڏسي يوسف، زليخا تي وئي حيران هڪ دم ۾،
ڏسي ها جي محمد کي چوي ها هي حسين رهبر.
خليل الله کي خالق بڻايو هو "امام الناس"،
محمد کي بڻايو رب "امام المرسلين رهبر."
اُڏيو تخت سليماني مگر هو آسمان کان هيٺ،
ڪري رفرف مٿان سواري ويو عرش برين رهبر.
ڪريون تسليم تا عيسيٰ ڪيو زنده تي مردن کي،
محمد قلب جي ڪارن سندو جان آفرين رهبر.
مجو سر ساهہ جي دشمن سندس صدق و صداقت کي،
ابو سفيان چيو "هرقل ! اهو صادق امين رهبر".
بچايو هن نياڻين کي جڏهن زنده ٿي پوريون ويون،
ڪيو تورو انهن تي عائشہ جي هم نشين رهبر.
محمد تي ٿيو نازل ڪلام ذوالجلال آهي،
ٻڌايو جنهن ڪلام الله سو آ دل نشين رهبر.
لکان ٿو نعت مرسل جي اها مون لئي سعادت آ،
ڀلو منهنجو مقدر ٿيو - ٿيو نور مبين رهبر.
يقين اڪمل اٿم دل ۾ - شفيع المذنبين آهي،
انهي تان "گل" ڪيان صدقي جو آهي بهترين رهبر.

Marfat.com

# نعت

ڪيان ڪهڙي زبان سان مان بيان عظمت محمد جي،
خدا کان بعد بس ! ڇئجي وڏي عزت محمد جي.
نبيءَ جي پاڪ صورت جان خدا خلقي نہ ٻي صورت،
سڀئي مخلوق ۾ سهڻي صفا صورت محمد جي.
محمد جي مثالي رهبري واري حياتي آ،
نئي سيرت مثالي، ڪا جئين سيرت محمد جي.
نبي اعظم، نبي خاتم، نبي اڪمل، نبي احسن،
سڀئي دنيا مٿان قائم رهي شوڪت محمد جي.
پراڻو فلسفو "سقراط" جو باطل ڪندس ڪاڏي،
مگر مونکي ڪپي ٿي جا بجا حڪمت محمد جي.
"ارسطو" ڪي بہ دنيا آزمائي پڻ ڇڏيو آهي.
ملي راحت، جتان سڀ ڪي، اها راحت محمد جي.
ٻڌو سون نام افلاطون جو ڏاڍو وجاهت سان،
مگر ڪوٺا اٿس سڪا سڀئي دولت محمد جي.
اهي "لينن" سٽالن جا وري "ڪارل" ۽ "مائو" جا،
سندن رستا سڀئي باطل صحيح دولت محمد جي.
خدا ڪر روز محشر جو ڏسون دلبر محمد کي،
هتي مونکي ٿي ماري پئي رڳو فرقت محمد جي.
خدايا ڪر عطا مونکي محبت مير مرسل جي،
محبت سان ڪريان هردم پيو طاعت محمد جي.
نماڻو عرض عاجز جو سگهو منظور ڪر مولا،
"وسي شل، "گل بخاري" تي سدا رحمت محمد جي.

☆

Marfat.com

# نعت

ڦٽي ڪئي آسمان جنهن جي اڳيان پنهنجي سڄي عظمت،
اهو عربي محمد آ پيارو صاحب رفعت.
نبي عربي قدم رکيا خدا جي عرش اعظم تي،
ٿيو معلوم دنيا کي ويو معراج تي حضرت.
محمد مصطفيٰ جهڙو نه ٿيو پيدا نه ئي ٿيندو،
رسول هاشمي عربي آ شهڪار ربوبيت.
چيائين هر مخالف کي "توهان وٽ عمر گذري آ"،
ٻڌايو عيب ڪو منهنجو؟ ڏسو منهنجي سڄي سيرت.
محمد جي مبارڪ هٿ اندر رکيل ڪرامت آ،
گهمايو هٿ جتي مرسل اتي ٿي وئي وڏي برڪت.
ڏسو هي بوهريره جي پٽي پيالي اندر برڪت،
ستر ماڻهن ڪيو آ ڍؤ ڏسو قلت اندر ڪثرت.
نبي خير الانام آهي. وري فخر الانام آهي،
نبيءَ جي در تي حاضر ٿي ڪئي جبريل پي خدمت.
بلاشڪ مصطفيٰ آهي، سچائي جو وڏو مرڪز،
سندس قول و عمل آهي، اسان خاطر ٻڌيل حجت.
محمد جي مخالف جو برو انجام ٿيندو آ،
ابولهب و عتيبه کي ڏسي حاصل ڪريو عبرت.
ثنا پوري نه ٿي هرگز رسول الله رهبر جي،
اسان جي لب ڪشائي ڪان مٿي آهي سندس شوڪت.
محمد جي ڪري ئي "گل بخاري" شعر ٿو ڻاهي،
لکي ٿو نعت سيد جي، پڙهي ٿو دل منجهان مدحت.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ بيشڪ نبي الاولين آهي،
يقيناً تا قيامت هي نبي الآخرين آهي.

خدا طرفان سمورا انبياءَ ٻڌجي امام آيا،
مگر محبوب مرسل ٿيو امام المرسلين آهي.

وجي ڪو شخص دوزخ ۾ نبيءَ کي نا پسند آهي،
ڀلارو مصطفيٰ ٻڌيو حريص المؤمنين آهي.

ڀلو موسيٰ، ڀلو هارون، ابراهيم، عيسيٰ ڀي،
محمد پر سڀن کان وڌ ڀلارو بهترين آهي.

نبي جنهن ذات جي خاطر ٿيو ڪعبي ۾ زخمي آ،
وري ان سان ملڻ خاطر ويو عرش برين آهي.

ڏسي چنڊ چوڏهين وارو چيو جابر صحابي تي،
"محمد مصطفيٰ منهنجو انهي کان وڌ حسين آهي".

محمد جو ٻڌايو پاڪ پرور جو پيام آهي،
اهو فطرت مطابق آ اهو ئي دل نشين آهي.

ڏسو! هجرت ڪندي ڀي جنهن امانت کي نڀايو آ،
چيو تي دشمنن بيشڪ اهو صادق امين آهي.

ڏسو! خوف الاهي سان پريل تقويٰ محمد جي،
اسان جو پيشوا پيارو امام المتقين آهي.

محمد کان بغاوت جا نتيجا تا ٿين ظاهر،
ڏسي هي قتل غارت ٿيو پريشان هر مڪين آهي.

نہ ڪر غم "گل بخاري" تون قيامت جي مصيبت جو،
بلاشڪ واهرو تنهنجو شفيع المذنبين آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

طريق مصطفيٰ اندر ـ طهارت ۽ نفاست آ.
"صفائي نصف ايمان آ" اها نبوي ثقافت آ.

محمد جو طريقو ئي طريقو آهه فطرت جو،
انهي فطري طريقي ۾ رکيل عزو شرافت آ.

محمد ئي ٻڌايو آ يقين ايمان ڇا آهي،
محمد جي عقيدن ۾ صداقت ئي صداقت آ.

نبيءَ جا قول ۽ ڪم سڀ اسان خاطر سندَ آهن،
نبي جي قول ڪم اندر امانت ۽ ديانت آ.

"ڪٽي جيڪو جڙان ان سان" اهو محبوب فرمايو،
مخالف سان ملڻ خوش ٿي اها نبوي خصالت آ.

"وٺو عبرت ڏسو جنهن وقت ڪا برباد ٿيل بستي"،
اهائي مصطفيٰ محبوب جي سهڻي سياحت آ.

"ملاوٽ سود رشوت کان پري رهجو مسلمانوءَ"!
تجارت لئي اها عربي ڏني بهتر هدايت آ.

خدا جي راضپي حاصل ڪرڻ جي راهه هڪ آهي،
اها عربي محمد جي محبت سان اطاعت آ.

خدا لاٿو محمد تي هدايت جو ڪلام آهي،
ڪلام الله ساري جي خدا خود ڪئي حفاظت آ.

شفيع المذنبين آهي شفاعت جو ڏٺي آهي،
خدا مقبول محشر ۾ ڪئي جنهن جي شفاعت آ.

انهي جي حسن ۽ خوشبوءِ جي تاثير "گل" ورتي،
انهي جي ئي ڪري ان ۾ وڌي وئي هر نزاڪت آ.

☆

Marfat.com

# نعت

ضعيفن بيڪسن اڙين سندو آذار تون آهين،
غريبن دردمندن جو سهارو سار تون آهين.
خدا جي پاڪ ذرتي تي ڪيو تو دين کي نافذ،
مديني جا ولي والي سچو سردار تون آهين.
ابو امت سندو آهين، ولهين واهر وسيلو تون،
صحابن، عالمن، نيڪن سندو پڳدار تون آهين.
خدا جي خلق ۾ تنهنجو نرالو مرتبو آهي،
سڄي مخلوق جا سائين ! نبي نروار تون آهين.
خدا جي دين حق خاطر ڪيئي ڪفار سان جنگيون،
احد ۽ بدر جو جري سپهه سالار تون آهين.
ڏسان ٿو دولت ڪسريٰ بہ تنهنجي زير پا آهي،
فقيري حال هوندي پي وڏو خود دار تون آهين.
جهانن جي فسادن جي ڪري رشتا ڪٽيا جيڪي،
انهن کي نئين نموني سان ڳنڍيندڙ يار تون آهين.
ٿئي شل ڏينهن محشر جو ٿيان تنهنجي اڳيان حاضر،
ڏسي توکي ٿيان خوش جو دلي دلدار تون آهين.
جڏهن تنهنجو مٺو نالو ٻڌان ٿو يا پڙهان ٿو مان،
تڏهن دل ۾ چوان ٿو ساهہ جو سينگار تون آهين.
ثنا تنهنجي ڪجي ڪهڙي ثنا ٿي ڪين ٿي پوري،
سندم شعر و سخن جو مرڪزي ڪردار تون آهين.
بشر پيدا ٿيا اربين، تو وانگر ٿيو نہ ڪوئي بيو،
خدا جي ڪل خدائي ۾ "گل" گلزار تون آهين.

☆

Marfat.com

# نعت

نبوت جي جهان اندر - نبي صدر جهان آهي،
نبوت، حڪم هن جو در زمين و آسمان آهي.
ملڪ جبريل ۽ ميڪال عربيءَ جا وزير آهن،
اهو فرمان نبوي آ اهو ان جو بيان آهي.
زمين اندر ابوبڪر و عمر هن جا وزير آهن،
اهو حاڪم محمد جي امارت جو نشان آهي.
محمد جو تڪلم آ قضا ۽ قدر جو مظهر،
خدا جي حڪم جو مظهر محمد جي زبان آهي.
جڏهن هن دشمنن آڏو رکيو ڪردار ۽ سيرت،
چيو هر هڪ مخالف هي صداقت ۾ عيان آهي.
انهي جي در ويو جيڪو ملي ان کي معافي آ،
انهي جو در هميشه لئي بڻيو دارالامان آهي.
نبيءَ جي رحمت للعالميني جو نتيجو آ،
ٽري هر هڪ مصيبت تي خدا ٿيو مهربان آهي.
لکين پيدا ٿيا رهبر، نبي مرسل ولي ڪامل،
مگر هن جو سمورن کان بلند بالا مڪان آهي.
خدا پنهنجي ڪرم سان هي سعادت جو ڏنو موقعو،
مليو بيشڪ اسان کي جو نبي آخر زمان آهي.
خدا جي دين تي اڄ، هر طرف حملا ٿين ٿا پيا،
نبي ! امت اوهان جي اڄ بڻي چو بي زبان آهي.
دعا رب کان گهري تو "گل" ٿئي جنت سگهو حاصل،
اها هن جي تمنا، آرزو آهه و فغان آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

خدا جي خلق ۾ سڀ کان نبي عربي اتم آهي،
محمد جي حياتي جو ڪنيو قادر قسم آهي.

خدا جي ڪارخاني ۾ نہ ٿيو پيدا نبيءَ جهڙو،
ٿيو ان ڳالهہ جو شاهد، سڄو عرب و عجم آهي.

محمد صاحب اقرا، محمد صاحب اسريٰ،
محمد ئي رکيو فلڪن مٿان پنهنجو قدم آهي.

ڏئي توحيد جي دعوت، يجي پرزا ڪيائين بت،
خدا جي ڪبريائي جو انهي ڪوڙيو علم آهي.

محمد، علم ۾ بالا - سندس آهن سخن سهڻا،
فراست فهم جي آڏو هنيو ڪنهن ڀي نہ دم آهي.

ڪڏهن هادي حبيب هاشمي طائف وڃي پهتو،
خدا جي دين خاطر جنهن سٺو ظلم و ستم آهي.

ڪيائين داد دنيا ۾، ڏنائين عدل انسان کي،
مٽايو مصطفيٰ، ظلم و ستم درد و الم آهي.

خدا، خود ڀي ڪريم آهي، محمد ڀي ڪريم آهي،
ڪريمن جو ٿيو مون تي سدا لطف و ڪرم آهي.

ٻڌايو مصطفيٰ، الله جي پيغام کي کولي،
اهوئي دين جي راهين جو رهبر همقدم آهي.

هميشہ ٿو پيو سوچان، ڪڏهن ويندس مديني ڏي،
اهو ئي فڪر مونکي آ، اهو ئي مون کي غم آهي.

نبيءَ جي باغ ۾ هر وقت سارا "گل" ڏنم سهڻا،
محمد جي ڪري ورتو حسينن ڀي جنم آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

سعادت ۾ نبي عربي سعيدن ڪان سعيد آهي،
ٻڌيو سيد، جهانن جي شهيدن تي شهيد آهي.
محمد تي ڪلام الله لٿو اهڙو عجيب آهي،
پڙهو هر هر ـ ڏسو ور ور حلاوت ۾ جديد آهي.
خدا، ذات و صفات اندر ـ مڪمل وحده آهي،
نبي ختم نبوت ۾ ٻڌيو واحد وحيد آهي.
خدا جي پاڪ ٻانهن جو نبي امي امام آهي،
اهو رشد و هدايت ۾ ٻڌيو راشد رشيد آهي.
مڃيوسين نوح آدم کي، نبي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي،
مگر محبوب مرسل مرتبن ۾ وڏ مجيد آهي.
محمد کي ٻڌايو آ، خدا، شافع اسان خاطر،
اهو ولسوف جي وعدي سندي احسن نويد آهي.
نبيءَ جون پاڪ ٻيبيون، مرتبن ۾ بي مثال آهن،
حميرا آ انهن ۾ ڄڻ طعامن ۾ ثريد آهي.
محمد جي محبت ڪان سوا ايمان باطل آ.
رسول الله جي الفت سواءِ جنت بعيد آهي.
قيامت ۾ محمد جي شفاعت جي تمنا آ،
بچائيندو جهنم ڪان اها آس ۽ اميد آهي.
محمد جي رسالت جو نہ ڪر انڪار اي پاڳل !
نبيءَ جي منڪرن خاطر سزا بيشڪ شديد آهي.
نڇاور "گل" ڪريان مدني نبيءَ جي نام تان سارا،
انهي جي نام ۾ رکيل، سدا مدحت مزيد آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

زمين صدقي، زمان صدقي، مڪين صدقي، مڪان صدقي،
محمد مير مدني تان تـئي سارو جهان صدقي.

ڪريان گهر گهاٽ مان سارو، نبي جي نام تان صدقي،
سمورو مال تـئي صدقي، ڪريان اولاد مان صدقي.

محمد جي سچائي تان پرين پيارا سيئي صدقي،
تين رشتا پلي صدقي، ابو صدقي، امان صدقي.

حسين سارا، جهان وارا، محمد تان تين صدقي،
تين سهڻن جي سرور تان، دلي دلدار تان صدقي.

محمد مير مرسل تان، تـئي عرش برين صدقي،
قمر تارا ڪتيون صدقي، تـئي تي ڪهڪشان صدقي.

ملڪ حورون تين صدقي، جن وانسان پي صدقي،
بهشتن جا سمورا، آشيان ۽ آستان صدقي.

جبل صدقي، جهنگل صدقي، بحر ۽ بر ڪجن صدقي،
بلندي مرتبي تان تـئي، سدا تو آسمان صدقي.

عرب صدقي، عجم صدقي، عدن ايران پي صدقي،
چوي تي سنڌ سونهاري محمد تان تيان صدقي.

سوين فرهاد ۽ مجنون، محبت تان تيا صدقي،
رسول الله رهبر تان سمورا داستان صدقي.

محمد جي مٺي ٻولي، نماڻي تان تيان صدقي،
محمد جي فصاحت تان، ڪيان مان هر زبان صدقي.

محمد تان چمن صدقي، تـئي خوشبو سدا صدقي،
سمورا "گل" جهانن جا، محمد تان ڪيان صدقي.

☆

Marfat.com

# نعت

زمين و آسمان جي خلق کان بهتر محمد آ،
خدا جو هر نبي بهتر مگر برتر محمد آ.
نبي طيب، نبي طاهر، نبي باطن، نبي ظاهر،
نبي اول، نبي آخر، نبي سرور محمد آ.
محمد ئي ڪيو دنيا ۾ ظاهر حق و باطل کي،
صحيح ڇاهي؟ غلط ڇاهي؟ ڪيو اظهر محمد آ.
محمد جو تڪلم، بي تڪلف نرم نازڪ آ،
منو شيرين، ملائم بازبان خوشتر محمد آ.
محمد آ ملايو دين کي بيشڪ سياست سان،
ڪيائين رهبري هردم يلو رهبر محمد آ.
محمد، بادشاهي ۾ فقيري جو ڏٺي آهي،
يتيم آهي، يتيمن جو مگر پرور محمد آ.
نرالو نور جو جلوو، مجون تا شمس ۾ آهي،
مگر شمس و قمر کان وڌ رخ انور محمد آ.
محمد عز و عظمت جو سبق سيکاريو آهي،
شرافت ۽ شريعت جو، سچو پيڪر محمد آ.
محمد کان سواءِ ڪونهي وسيلو واهرو ڪوئي،
اسان پارن گنهگارن سندو آذر محمد آ.
رهان ٿو متفق هن شعر سان جيڪو چيو شاعر،
"يلي معشوق بيا ذارن، منهنجو دلبر محمد آ".
حليما، سعديا ! تنهنجو يلارو ياڳ ڇا ڇئجي؟
مليو توکي، گلابي "گل" جيان خوشتر محمد آ.

☆

Marfat.com

# نعت

رسول الله رهبر ڪئي مڪمل رهنمائي آ.
نبيءَ دنيا ۾ قائم ڪئي خدا جي ڪبريائي آ.
محمد جو مبارڪ ذڪر آ سيني ڪتابن ۾،
نبين پاڪبازن ڪي به ان جي وات وائي آ.
نبي عربي خدا جي رحمتن جو خوب مظهر آ،
خدا، ان جي ڪري رحمت سندي بارش وسائي آ.
انهي جي رحمت للعالميني جو سهارو آ،
انهي جي آسري مون پيي سڀي جهولي وڇائي آ.
محمد سان ڪريو الفت، اگر مومن سڏايو ٿا،
بنا الفت محمد جي عمر ساري اجائي آ.
انهي جي پيروي ڪريو، مگر عشق و محبت سان،
بنا الفت اطاعت ڇڻ نلهي ڪوري ڪمائي آ.
محمد جي اطاعت ۾ عمر پنهنجي کپائي جنهن،
انهي ياڳن ڀري جي زندگي ساري سجائي آ.
محمد جي غلامي آ، جهنم کان بچڻ جو دڳ،
غلامي جنهن ڪئي هن جي عمر هن ڇڻ بچائي آ.
خدا سان ۽ محمد سان وفاداري ڪئي جنهن پيي،
ڪئي رب ۽ نبيءَ ان سان به بلڪل باوفائي آ.
اميد آهي خدا جي لطف مرسل جي شفاعت ۾ ،
عمل ۾ ڪو وزن ڪونهي، رڳو ڏنڌلي ڪچائي آ.
قبولج مهر سان مولا لکي جا نعت "گل" آهي،
وري جا "گل" ٻڌي آهي. وري جا "گل" ٻڌائي آ.

☆

Marfat.com

# نعت

رسول الله رهبر جي برابر ڪو بشر ناهي،
خدا مخلوق ۾ پيدا ڪيو اهڙو ڳهر ناهي.

رسول الله تي نازل ڪلام الله تيو آهي،
خدا جي گفتگو جهڙو رڪيل ڪنهن ۾ اثر ناهي.

سخي سلطان ويا گذري، انهن جا در ڏٺا دنيا،
سخاوت ۾ نبيءَ جي در جيان ٻيو ڪوبہ در ناهي.

ٻڌم ايوان ڪسريٰ جا، محل، قيصر مقوقس جا،
محمد جي ڪکائين جهوپڙي جانُ ڪنهنجو گهر ناهي.

محمد جي ڪري مولا مصيبت کي هٽائي ٿو،
رسول الله جي صدقي ٿيو رب جو ڏمر ناهي.

خدا جي راضپي خاطر سٺائين هرستم سر تي،
ٿيو صبر محمد کان ٻيو ڪونهي ڪٿر ناهي.

لکين ماڻهو لکن رستن مٿان ڪن ٿا سفر ليڪن،
مديني جي سفر جهڙو مبارڪ ٻيو سفر ناهي.

وڃان هيڪر مديني ڏي، پسان مان روضئہ اطهر،
مگر مجبور آهيان جو وٽم پورو سمر ناهي.

وٺو دامان دلبر جو، نبي خاتم پيغمبر جو،
محمد جي ڪري مومن، ڪندو خوف و خطر ناهي.

نبيءَ جي نور سان روشن ٿئي ٿي قلب جي ڪارنهن،
نبيءَ جي نور وانگر نور ۾ شمس و قمر ناهي.

سدائين "گل" معطر آمني محبوب جي صدقي،
محمد جي پگهر جهڙو ٿيو ڪنهنجو پگهر ناهي.

☆

# نعت

رسول مجتبيٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي،
محمد مصطفيٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
نہ ٿيو پيدا نہ ٿي ٿيندو حبيب ڪبريا وانگر،
نبي خير الوريٰ جهڙو خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد نور آهي نور سان پرپور آ بيشڪ،
انهي شمس الهديٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد آ بشر ليڪن، انهي جهڙو بشر ڪونهي،
نبي نور الهديٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد جي حقيقت جو پتو پورو خدا کي آ،
خرد کان ماوريٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد جي رسالت تا قيامت آ جهانن لئي،
مڪمل رهنما جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
نبي قائد ها قومن جا هي قائد آ نبين جو،
امام الانبياءَ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
لکان ڇا مان؟ پڙهان مان ڇا؟ ٻڌان ڇا ۽ ٻڌايان ڇا؟
اسان جي پيشوا جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
پلارا ياڳ ٿيا پنهنجا مليو مدني اسان کي آ،
سڀاجهي دلربا جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد جي اطاعت ڪر ـ جي آهين امتي ان جو،
محمد مقتديٰ جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.
محمد جي ڪري "گل" جي وڌي وئي رونق و خوشبوءِ،
رسول خوش نما جهڙو ـ خدا پيدا ڪيو ڪونهي.

☆

Marfat.com

# نعت

ڏکي تاج شهنشاهي، محمد مصطفيٰ آيو،
حڪومت کي هلائڻ لاءِ تي فرمان روا آيو.
پلي آيو پلو هادي، پلو رهبر، پلو حاڪم،
جڏهن آيو ڇيو فطرت چڱو ٿيو مرحبا آيو.
محمد مصطفيٰ سيني رسولن جي امامت ڪئي،
نبين ۽ رسولن جو هي بڻجي پيشوا آيو.
محمد مصطفيٰ کان پوءِ نبي ايندو نه ڪو جڳ ۾.
اهوئي تا قيامت تي مڪمل رهنما آيو.
مٿايو مصطفيٰ آهي سنڌو شاهه و گدا وارو،
مساوات و اخوت جو مبلغ مجتبيٰ آيو.
محمد آ سخي اعليٰ ـ سخا هن جي نرالي آ،
سخا جو ڪرشمو بڻجي محمد جا بجا آيو.
محمد بامروت آ، محمد بافضيلت آ،
وفا، وعدي سندو پيڪر، سچو ۽ با صفا آيو.
نبي جي خوان يغما تي اڃن پنهنجا پراوا تا،
محمد ميزباني ۾ به بڻجي باصفا آيو.
نبيءَ بيشڪ ڇڏايو آ، گناهن جي غلاظت کان،
نبي ساري جهانن لئي وٺي سو ڪيميا آيو.
ثنا سردار ڪامل جي ڪري ڪو ڇا بشر عاجز،
محمد معنويت ۾ به بڻجي باثنا آيو.
محمد جي وجاهت تان سمورا "گل" ڇڏيان گهوري،
حسينن کان حسين دلبر ـ رسول مجتبيٰ آيو.

☆

Marfat.com

# نعت

ڏٺيءَ توڪي ڏنو برڪت ڀريو اعليٰ ڪتاب اهڙو،
هدايت لئي نہ ٿيو ڪوئي مڪمل بي نقاب اهڙو.
مليو قرآن جو توڪي اهو روشن ڪتاب آهي،
قمر تارا، ڪتيون، توڙي نہ ٿيو ڪو آفتاب اهڙو.
ڪڪر رحمت سندو بڻجي ڪئي تو ڇانوَ دنيا تي،
نہ ٿيندو آسمانن تي وري پيدا سحاب اهڙو.
ڪريان هرقل، هزارين آءٌ تنهنجي نانءَ تان صدقي،
نہ ٿيو ڌرتي مٿان پيدا تو وانگر ڪو جناب اهڙو.
سچڻ! تنهنجي جدائي ۾ ڪجيءَ جي ٿڙ ڀريا سڏڪا،
جهانن جي ڪتابن ۾ لکيو ويو پيو نہ باب اهڙو.
هزارين انبياءَ آيا، سيئي توقير وارا ها،
فضيلت ۾ نہ ٿيو ڪوئي نبي عزت مآب اهڙو.
ابو امت سندو آهين، ابن ڪان وڌ شفيق آهين،
تڏهن سهڻا سچڻ توسان ٿيان ٿو بي حجاب اهڙو.
تصور ۾ ڏنم توڪي سدا دل ۾ بہ ساريان ٿو،
ڏسان شل روبرو توڪي لهان يا مان ڪو خواب اهڙو.
خدا جي باغ عالم ۾ نہ ٿيو پيدا ڪو "گل" اهڙو،
خدا خلقيو نہ گلشن ۾ ڪڏهن سهڻو گلاب اهڙو.

☆

Marfat.com

# نعت

دل مغموم کي دلبر - رسول مجتبيٰ گهرجي،
نہ زر زيور زمين گهرجي رڳو هڪ مصطفيٰ گهرجي.
سندم دل جي مرض وسواس جو هڪ ئي علاج آهي،
ڪجي ديدار دلبر جو رڳو اهڙي دوا گهرجي.
قبوليا عاشقن پنهنجي پسند تي ڪي صنم سهڻا،
مگر مون کي حياتي پر حبيب ڪبريا گهرجي.
خدا جي هيڪڙائي کان ڪيو دنيا کي جنهن واقف،
اهو توحيد جو داعي مبلغ بي ريا گهرجي.
محمد جي محبت جي ملي، ساري ملي دولت،
انهي جي سڪ سندو صاغر ملي آب بقا گهرجي.
گهرو ٿا جي ملي جنت تہ هن جي پيروي ڪريو،
محمد جي غلامي ۾ بقا گهرجي، فنا گهرجي.
تمنا آ نياپان شل نبيءَ سان نينهن جو ناتو،
خدا جو فضل ۽ مرسل محمد جي رضا گهرجي.
گهرو ٿا جي خدا وٽ ٿئي رسائي پوءِ اچو هن وٽ،
محمد جو ونو رستو جي چاهيو ٿا خدا گهرجي.
وريو آ دور اونداهون، گهري ٿو روشني هرڪو،
انهي ماحول ۾ اسلام جي ڪامل ضيا گهرجي.
گهرون ٿا جي اسان کان ختم ٿئي ساري پريشاني،
ونون قرآن وارو دڳ، اها راهہ هديٰ گهرجي.
چمن جو ڪونہ "گل" گهرجي نہ ئي زيب زمان گهرجي،
مديني جي مٽي گهرجي، سندس آب و هوا گهرجي.

☆

Marfat.com

# نعت

خدا چوندي محمد کي بڻايو رهنما آهي،
خدا جي خلق ساريءَ جو ٿيو هي پيشوا آهي.

مزمل آ - مدثر آ - وري يٰس طٰهٰ پيٖ،
لقب قران ۾ مرسل جو ختم الانبياءَ آهي.

بشير آهي، نذير آهي، اميري ۾ فقير آهي،
حقيقت ۾ نبي عربي شه هر دوسريٰ آهي.

رئوفُ آهي، رحيم آهي، وسيلو واهرو آهي،
اڙين جو آسرو آهي، شفيع روز جزا آهي.

رفيق آهي، شفيق آهي، نڌڻڪن جو ڌڻي آهي،
سهارو بي سهارن جو نبي نور الهديٰ آهي.

حبيب آهي، حڪيم آهي، ڪريم ابن ڪريم آهي،
سندس فرمان "لاَتثريبَ" سيني لئي صفا آهي.

معيشت جو نظام اهڙو ڪيائين خلق ۾ جاري،
سندس دربار ۾ يڪسان ٿيو شاهه و گدا آهي.

ڪڏهن محبوب فاران تي ڪڏهن بازار طائف ۾،
ڪڏهن اقصيٰ ۾ ٿيو عالي امام الانبياءَ آهي.

خدا جنهن ذات سانْ وَلسَوفَ جو وعدو ڪيو آهي،
اهو عربي محمد صاحب سورة ضحيٰ آهي.

مريض لادوا ڪي پيٖ شفا جنهن ڪان ملي آهي،
اهو محبوب مرسل جو در دارالشفا آهي.

انهي جي باغ عترت جا هزارين "گل" جهان اندر،
سدا تن جي زبانن تي ٻڌو ! صل عليٰ آهي.

Marfat.com

# نعت

خدا جي خلق ساري جو يلو رهبر محمد آ.
هدايت حلم جو هادي سنو سرور محمد آ.
ڏني تعليم مرسلَ آ برن سان ييي يلائي جي،
مخالف لاءِ معافي ۾ به ٿيو برتر محمد آ.
خدا جي دين خاطر جنهن سٺي تڪليف هر هنڌ تي،
ته ييي پيغام رباني ڪيو اظهر محمد آ.
وطن ڪان لا وطن ٿجي خدا ڪي جنهن ڪيو راضي،
اهو مظلوم ۽ معصوم پيغمبر محمد آ.
محمد جي سخاوت جي اڳيان حاتم سخي ڇاهي؟
يتيمن ۽ غريبن لئي سخا جو گهر محمد آ.
شرافت جو مجسم آ ـ ڪرامت ۾ هو اڪرم آ،
ذهانت ۽ ذڪاوت ۾ اتم گوهر محمد آ.
ڏسي محبوب ڪي ايمان وارن سر ڪٽايا تي،
سندن ايمان جي قوت سندو جوهر محمد آ.
سپه سالار لشڪر جو سٺو صاحب شجاعت جو،
بهادر بي ڊپو جري ببر صفدر محمد آ.
ٻڌم نوشيروان حاڪم عدالت عدل جو صاحب،
سمورن ڪان عدالت ۾ اتم اطهر محمد آ.
نبي امي پڙهايو آ ڪتاب الله ۽ حڪمت،
ٻڌايو رب جو پيغام ييي هر هر محمد آ.
نبين ۾ نبي ايئن آ، چمن ۾ جيئن گلابي "گل"،
جهانن ۾ سمورن ڪان ٻٽيو بهتر محمد آ.

☆

Marfat.com

# نعت

خدا، واحد صمد آهي، رڳو هن جي خدائي آ،
رسالت ۾ محمد کي ملي وئي مصطفائي آ.
محمد جي مٺي نالي اندر مدحت سمائي آ،
محمد جي تڏهن هر شي ڪئي مدحت سرائي آ.
محمد جي ابي جي نانءَ مان ﭙانهپ نشان بر آ،
محمد جي امڙ جي نانءَ ۾ امن و صفائي آ.
محمد، پوري عالم ۾ سدا مقبول و مشهور آ،
انهي جي عرش فلڪن تي ڪئي رب رونمائي آ.
خدا جي سيف، خالد بن وليد وزيد بن حارث،
وجهي الله خاطر ڪفر سان ڪئي تن لڙائي آ.
اجا، ابن رواحہ، جعفر طيار ياد آهن،
انهن موتيءَ جي ميدان تي وڃي جنڊڙي ڪپائي آ.
محمد جو مخالف ٿي سگهي ٿو ڪينڪي "رهبر"،
اهو آهي رڳو رهزن، انهي وٺ ڪوڙ ڇائي آ.
محمد جي مخالف تي خدا لعنت وسائي ٿو،
محمد جي مخالف لئي خدا دوزخ ٻڻائي آ.
محمد ڪان بغاوت جي سزا هتہ پي ملي ٿي پئي،
خدا ان کي بلاڙي بي سڪوني جي بڇائي آ.
سچو اسلام کي سمجهيم، عمل ۾ پر رهيس قاصر،
سدا غفلت اندر گهاري حياتي مون وڃائي آ.
سندس اولاد ۾ شامل ٿيو جي "گل" تہ ڇا ٿي پيو،
نبيءَ سان نام جي نسبت نہ هرگز هن نڀائي آ.

☆

Marfat.com

# نعت

حبيبِ ڪبريا وانگر ڪو دنيا ۾ بشر ڪونهي،
جمالِ مصطفيٰ جهڙو ٽيو شمس و قمر ڪونهي.
نبيءَ دنيا مٿان رحمت سندي بارش وسائي آ،
سحابِ مصطفيٰ وانگي ٻيو ڪوئي ڪکر ڪونهي.
انهي الله سان هر وقت دل جي لنؤ لڳائي آ،
خدا جي بندگي کان هن جو خالي ڪو پهر ڪونهي.
انهي جي گفتگو اهڙي طرح اثرائتي آهي،
فصيحانِ زبان ۾ پيي رکيل اهڙو اثر ڪونهي.
محمد جو ڪيو واپار سو برڪت سان پريل آ،
صداقت کان سوا جنهن ۾ رکيل ڪوئي وکر ڪونهي.
رسول الله جي دعوت سڪونِ قلب ٿي بخشي،
سندس دعوت، سعادت آ، انهي ۾ ڪو ضرر ڪونهي.
مقامِ مصطفيٰ کي تو رڳو هڪ ڪبريا ڄاڻي،
انهي جي مرتبي کان هر طرح واقف بشر ڪونهي.
محمد جو پگهر، خوشبوءِ پيو ٻين کي ٻه بخشي ٿو،
معطر ٿي فضا جنهن سان ٻيو ڪنهنجو پگهر ڪونهي.
وري اڄ ظلم ۽ غربت ورايو پنهنجو وارو آ،
حڪومت آهه دولت پيي مگر حضرت عمر ڪونهي.
پڇون آلِ نبيءَ جون خدمتون مون ڪربلا کان پيي،
چيائين، "اهل بيتِ مصطفيٰ جان ڪنهنجو گهر ڪونهي".
سدائين "گل محمد شاهه" کي هن جو سهارو آ،
"بخاري" کي محمد جي ڪري خوف و خطر ڪونهي.

☆

Marfat.com

# نعت

حبيب ڪبريا تون آن نبي نورِ خدا تون آن،
لٿو قرآن آ جنهن تي اهو مرسل مٺا! تون آن،
انهي قرآن ۾ تنهنجي صفت ساراهہ موجود آ،
انهي ۾ جو لکيل آهي اهوئي جا بجا تون آن.
خدا تورو ڪري جيڪو مڪو آ محسن اعظم،
اهو آقا، اهو مرسل، اهوئي مصطفيٰ تون آن.
انڌين اونڌن دلين کي تو مڪمل روشني بخشي،
انڌاري رات ڪاري ۾ سدائين پر ضيا تون آن.
هدايت لئي هزارين انبياءَ آيا ويا گذري،
انهن سارن نبين جو پلارو پيشوا تون آن.
اسان جو تون نبي ڪامل، اسان جو پرجهلو هادي،
اسان جو تون سچو رهبر، اسان جو رهنما تون آن.
ڏسي يوسف، ڪٽايا عورتن هٿ مصر ۾ پنهنجا،
فدا سر پي ٿيا جنهن تي اهو حسنِ خدا تون آن.
عزيزن کان عزيز آهين، قريبن کان قريب آهين،
مريضن جي شفا آهين - دعا تون آن، دوا تون آن.
پڙهان ٿو مان جڏهن سيرت ڏسان ٿو ذهن ۾ صورت،
برابر روح جي راحت، سندم دل جي جلا تون آن.
هزارين اڄ بڻيا ليڊر، سندن رستا اٿن ڪوڙا،
خدا جي راهہ آ جنهن وٽ، اهو راهہ نما تون آن.
سچڻ ! تنهنجي ڪري پيدا ٿيو گلزار جنت جو،
ٿيا جنهن لئي چمن پيدا اهو "گل" بي بها تون آن.

☆

Marfat.com

# نعت

چيو "عاشق" لکي ڏي ڪو غزل دلدار دلبر لئي،
چيو مون ڪيس ٻڌ ڪن ڏئي سندم اشعار سرور لئي.
ڀلي ڳوليو جهانن ۾ پسند پنهنجي سندا سهڻا،
مگر مون کي پسند آهي محمد زندگي ڀر لئي.
جڏهن دنيا جي ليڊر جي حمايت ۾ لکڻ چاهيم،
چيو ايمان تي مونکي نہ لک تعريف ليڊر لئي.
ڪيو مون ذهن کي خالي رکو ذڪر نبي خاطر،
هميشہ واسطي سارھ پيو لکندس پيمبر لئي.
توهان نغما ڀلي ڳايو جهان جي دلربائن جا،
مگر سر سوز جو رستو سندم آ نور انور لئي.
نبيءَ جي نعت مان مون کي سڪون قلب حاصل ٿيو،
عقيدت وڏ ۾ وڏ آهي مون کي ماه منور لئي.
ڏٺم دنيا سندا سهڻا مگر تن سان نہ دل اٽڪي،
مگر منهنجي ٿي دل تاڻي رسول الله رهبر لئي.
ملي منڙو محمد تو بلاشڪ بخت وارن کي،
اها بازي مقدر جي اها عظمت مقدر لئي.
محمد جي محبت آ سچي ايمان جو مرڪز،
محبت سان اطاعت ئي نجات آ روز محشر لئي.
محمد سان رکڻ نسبت دليل آ دين ايمان جو،
تقاضا دين جي آهي جئو الله اڪبر لئي.
نبيءَ "گل" کان زياده آ ڪئي سرهاڻ هن جڳ ۾،
محمد کي ڪيو پيدا خدا. گلشن معطر لئي.

☆

Marfat.com

# نعت

ڇوان ڇا مان نبيءَ بابت اهو خير الڪثير آهي،
بظاهر جو فقير آ سو اميرن ڪان امير آهي.
نبي عربي ٻڌايوُ نعمتون جنت سنديون آهن،
محمد، مومنن جي لئي مبشر ۽ بشير آهي.
سڄڻ، همدرد، دوزخ ڪان ڪيو آگاهه دنيا ڪي،
خدا جي منڪرن خاطر هو منذر ۽ نذير آهي.
محمد جي زبان اندر عجب تاثير رکيل آ،
محمد جي فصاحت ۽ بلاغت دل پذير آهي.
سمورا حسن جا جلوه نبيءَ جي ذات ۾ آهن،
ٻيا سڀ حسن جا تارا، نبي بدر المنير آهي.
ڪڏهن اقصيٰ ۾ آ سرور - ڪڏهن رفرف متان دلبر،
ڪڏهن شعب ابي طالب ۾ بي ڏوهي اسير آهي.
خدا جي خلق ۾ عدل و عدالت ڪي ڪيئين قائم،
انهي جي عدل تي راضي، تونگر ۽ فقير آهي.
محمد جي حڪومت آ زمين و آسمانن ۾،
ٻڌيو جبريل ٻيي عربي محمد جو وزير آهي.
محمد آ سچو سرور، خدا جي خلق جو رهبر،
خدا جي دين جو داعي، نبي ناصر نصير آهي.
نبيءَ جي آل جون قربانيون بي حد ٿيون ظاهر،
ڪري شبير سر قربان ٿيو ظاهر ظهير آهي.
رسول هاشمي عربي گلن ڪان خوب "گل" آهي،
انهي سان ساهه جو رشتو - اهو دل لئي سذير آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

جهلي جهولي اتم جنهن وٽ اهو هڪ ڪبريا آهي،
خدا کان جو وٺي ڏي ٿو نبي سو مصطفيٰ آهي.
محمد، ڪبريا ناهي، حبيب ڪبريا آهي،
خدا کان بعد جي آهي محمد مصطفيٰ آهي.
خدا جي فيض رحمت سان، نبي ٿيو رحمت عالم،
خدا جي گنج گوهر جو هي موتي بي بها آهي.
زمين اندر ـ زمان اندر ـ نہ ٿيو ڪون و مڪان اندر،
نہ ٿيو پيدا نبي جهڙو سڄڻ ڪو دل نوا آهي.
هزارين انبياءَ آيا بشر جي ڪاميابي لئي،
مثال مصطفيٰ مدني نہ ٿيو ڪو پيشوا آهي.
صفي الله آدم ٿيو، ڪليم الله موسيٰ ٿيو،
رسول الله مدني پر حبيب ڪبريا آهي.
خدا جي پاڪ فطرت جو محمد ترجمان آهي،
محمد ئي ٻڌايو آ خدا جي ڇا رضا آهي.
سخي حاتم ويو گذري انهي جي ڳالهہ ڳايون ٿا،
مگر مدني جي حاتم کان اتم جو د و سخا آهي.
محمد دين جو داعي، محمد دين جو هادي،
محمد دين جي هر معاملي ۾ رهنما آهي.
ٻڌج اي دل جا ڪوماٽيل، پريشاني سندا ماريل،
درِ دلدار تي ٿيندي دلين جي هر دوا آهي.
محمد جي پسيني کان گهٽو گهٽ مشڪ عنبر آ،
محمد جي ڪري خوشبو ٿي "گل" ۾ جا بجا آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

جمال مصطفيٰ بيشڪ، جمال ڪبريا آهي،
انهي کي سونهن ۾ سيرت ڏني بيشڪ خدا آهي.
بلاشڪ حسن يوسف تي وڏو موهي زليخا کي،
مگر دنيا تي عاشق جنهن مٿان سو مصطفيٰ آهي.
نبيءَ جي ڇا فضيلت آ انهي جو شان ڇا آهي؟
حقيقت ۾ رڳو هن ڪان خدا ئي آشنا آهي.
پڙهيو قرآن ۾ سيد سندو مون ذڪر آ هر هر،
لکيل فرقان ۾ تعريف هن جي جا بجا آهي.
محمد نور انور آ خدا جو جز نہ هرگز آ،
بشر ابن بشر کي پر ڪيو افضل خدا آهي.
خدا جي ڪائنات اندر محمد آ مٿي سڀ ڪان،
مڪمل رهنما آهي نبي عبد خدا آهي.
محمد ڪان سوا ٻي جو وٺڻ دامن غلط آهي،
محمد جي مهابي ئي ڪئي رب هر عطا آهي.
خدا جي راضپي خاطر ڪجي سارہ تي سرور جي،
خدا خود ٻي حبيبن جي ڪئي مدح و ثنا آهي.
محمد جي نرالي شان کي ٻڌ غور سان مومن،
محمد جو مبارڪ ذڪر دل جي لئي دوا آهي.
جهانن جي حسينن جي نتي الفت ڪيي ڇو جو؟
سندم دل تي هميشہ ڪان محمد تان فدا آهي.
نبيءَ جي نعت جو دل ۾ سجايو مون بہ گلدستو،
ڪيا "گل" مون ڪنا ليڪن نہ تيو جذبو فنا آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

پڇو مون کان پلا ڇو تا؟ تہ شان مصطفيٰ ڇا هي؟
پڇو قرآن کان يارو! تہ مان مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد جي مبارڪ جسم جي ڪهڙي خبر مون کي،
خدا کان ئي پڇي ڏسجي تہ ڄان مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد جي زبان اندر فصاحت ۽ بلاغت آ.
پڇو حسان کان بيشڪ زبان مصطفيٰ ڇاهي؟
ابو ايوب انصاري انس ۽ بوهريره کان.
پڇو سلمان حيدر کان بيان مصطفيٰ ڇاهي؟
لٿو قرآن عربي ۾ اها ٻولي سلامت آ.
وڃي اهل زبان کان پڇ لسان مصطفيٰ ڇاهي؟
نبي جو در عنايت جو ڪرم ۽ درگذر جو آ.
ابو سفيان کان پڇجي امان مصطفيٰ ڇاهي؟
نبيءَ جي فيض رحمت مان ٿيو سيراب هر هڪ آ.
ادا وحشي! خبر ڏي ڪا جهان مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد مصطفيٰ جو هو زمانو خير برڪت جو.
ڏسو سيرت پڙهي يارو! زمان مصطفيٰ ڇا هي؟
محمد جي نبوت آ زماني جاءِ کان بالا.
ٻڌايو ڪا خبر مونکي. مڪان مصطفيٰ ڇاهي؟
تهجد ۽ صلواتون مسجد و منبر سندس سهڻو.
بلال باوفا کان پڇ. اذان مصطفيٰ ڇاهي؟
پريو دامان خالي "گل" نبي جي فيض رحمت مان.
خبر پئي "گل بخاري" ڪي ستان مصطفيٰ ڇاهي؟

☆

Marfat.com

# نعت

پڙهو اي مومنو ! دل سان صلواتون، دلربا آيو.
سچو سرور، نبي خاتم، مکمل رهنما آيو.
نبي ڄائو جهانن ۾ بهاريون ٿي بهاريون ٿيون،
مبارڪ باد جو نغمو ٻڌڻ ۾ جا بجا آيو.
خدا جي ڏيهہ ساري ۾ جهالت ۽ ضلالت هئي،
شقاوت کي مٽائڻ لئي محمد باصفا آيو.
خدا جي ياد کان غافل خدا کان دور هو انسان،
خدا جي در رسائڻ لئي محمد مصطفيٰ آيو.
هدايت جي ڪڙي پهرين ٻٽيو آدم نبي الله،
هدايت جي ڪڙي پوئين تي ختم الانبياءَ آيو.
لٿو قرآن عربي تي، مليو اسلام مرسل کي،
وٺي قرآن جي نسخي سندي هو ڪيميا آيو.
پيارا انبياءَ سارا، خدا کي سڀ هئا پيارا،
محمد، سڀ نبين جو تي سهڻو پيشوا آيو.
مجون ٿورا تا مالڪ جا ڏنو جنهن نور ايماني،
ڪيائين امتي جنهنجو اهو نور خدا آيو.
اسان اڙين ابوجهن جو وسيلو واهرو آهي،
اهو مجبور ماڻهن لئي تي ڏاڍو ذوالعطا آيو.
هزارن پاڪ نالن سان نبي نروار تي آيو،
محمد، حامد و محمود، احمد مجتبيٰ آيو.
خدا جي باغ جي هن "گل" ڪئي سرهاڻ دنيا ۾،
ٿيو مومن ! سدا سرها رسول خوش نما آيو.

☆

Marfat.com

# نعت

ثنا تنهنجي ڪريان ڪهڙي چوان تولاءِ ڇا آهين؟
نبي ڪامل ! سچا سيد !! مثالي رهنما آهين.

سندءِ عظمت ڪرم جا گڻ ملڪ حورون پيون ڳائن،
تون غلمانن، جنن ماڻهن جي لبڙن تي سدا آهين.

نبي ثقلين جو آهين، مڪين حرمين جو آهين،
ولي المؤمنين تون ئي محمد مصطفيٰ آهين.

سندءِ نالو نيارو آ - پيارو مدح وارو آ،
حبيبا ! ذات نالي ۾ سراسر تون ثنا آهين.

نبي ڪيئي ويا گذري خليل آ ڪو ڪليم آهي،
مگر محبوب مرسل تون حبيب ڪبريا آهين.

ڪڏهن مرسل! مڪي ۾ آن، ڪڏهن اقصيٰ ۾ آن جاني،
ڪڏهن عرش و فلڪ تي پيو ويو ڪلم ڪلا آهين.

پيارا ! دل بهار آهين، سندم دل جو قرار آهين،
دلاور - دل نوا منهنجي اکين دل جي جلا آهين.

اسان جي روح جي راحت، اسان جي دين جي عزت،
اسان جا قائد اڪبر - اسان جو پيشوا آهين.

خدا راضي نه ٿيندو جي سڄڻ ناراض تون هوندين،
خدا ناهين، مگر الله سائين جي رضا آهين.

بشر تنهنجي ثنا ڪي ڪيئن لکي يا شعر ۾ ڳائي،
بشر جي سمجهه کان سهڻل لڳي تو ماورا آهين.

قلم ڪاغذ ڪنيو مون آهه تنهنجي نعت سازي لئي،
محبت مان وچايم "گل" مگر تون وڌ عليٰ آهين.

☆

Marfat.com

# نعت

نهيو! دل!! صبر ڪر جهٽ ڪا پرين جي پار ڏي هلبو،
خدا جي دلربا، دلبر، دلي دلدار ڏي هلبو.
مجان ٿو، دل ! اداسڻ آن - پرين خاطر پياسڻ آن،
لهي غمڙا سيئي ويندئي جڏهن غمخوار ڏي هلبو.
نہ ٿي مايوس اي دلڙي سگهو ويندئن حبيبن ڏي،
يقين آهي مديني جي نبي نروار ڏي هلبو.
هميشہ جنهن پنهل ڪي ٿي محبت مان پئي سارين،
انهي محبوب مرسل ۽ خدا جي يار ڏي هلبو.
نظر پنهنجي ڪري مولا اماڻيندو مديني ڏي،
رسول هاشمي رهبر اکين جي ٺار ڏي هلبو.
جدائي جا ڏهاڙا نيٺ جلدي ختم ٿي ويندا،
سگهو پنهنجي سڄڻ سهڻل سچي سردار ڏي هلبو.
قدم پنهنجا گهمايا مير مدني جنهن مديني ۾،
مديني جي مبارڪ تنهن گهٽي بازار ڏي هلبو.
خدا جي دين لئي دلبر ڇڏيو پنهنجو وطن پيارو،
رهيو جنهن غار ۾ جانب انهي اڄ غار ڏي هلبو.
جڏهن ويندي ڏسان ٿو مان پرين جي پار ڏي ماڻهو،
مقدر ڪان پڇان ٿو مان ڪڏهن منٺار ڏي هلبو.
خدا جي هن خدائي ۾ نرالو شان آ جنهن جو،
خدا جي قدرتن جي تنهن عجب اسرار ڏي هلبو.
خدا جو موڪليل "گل" ٿيو صفا نروار گلشن ۾،
ڪئي سرهاڻ جنهن جڳ ۾ انهي گلزار ڏي هلبو.

☆

Marfat.com

# نعت

رسول الله تيو پيدا جهانن جي امامت لئي،
ڏسو نور خدا ايريو زماني جي هدايت لئي.
محمد کي بڻايو ڪبريا، مرسل جهانن لئي،
لڻو قرآن سارو آ محمد جي صداقت لئي.
محمد ئي بڻايو آ سبب تخليق انسان جو،
تيو انسان پيدا آ خدا جي پڻ عبادت لئي.
خدا پنهنجا ڪيا نازل صحيفا ڪيترا جڳ ۾،
مگر مولا ڪيو وعدو آ قرآن جي حفاظت لئي.
خدا جي خلق ۾ پيدا ٿيا نوري ۽ ناري يي،
محمد آ بشر بڻيو اسان خاطر سعادت لئي.
نبيءَ جي در سندو جبريل ڪي دربان چئجي ٿو،
لڻو جبريل ٿي هر هر محمد جي حمايت لئي.
خدا جي خلق ۾ پيدا ٿيا نوري ۽ ناري يي،
محمد آ بشر بڻيو اسان خاطر سعادت لئي.
نبيءَ جي در سندو جبريل ڪي دربان چئي ٿو،
لڻو جبريل ٿي هر هر محمد جي حمايت لئي.
پڙهيم قرآن کي هر هر ڏٺم فرمان خالق جو،
ڪئي تاڪيد خالق آ محمد جي اطاعت لئي.
خدا جو هر نبي محشر ۾ امت جو شفيع ٿيندو،
خدا "ولسوف" جو وعدو ڪيو هن سان شفاعت لئي.
نبيءَ جو دوست ۽ دلبر سچو صديق اڪبر آ،
عمر فاروق عادل تيو زماني جي عدالت لئي.
سخاوت ۾ صحابن مان تيو عثمان اڳرو آ،
علي المرتضيٰ جو نانءُ ڪافي آ شجاعت لئي.
عجب خوشبوءِ محمد جي سڻي سرهاڻ سيد جي،
سمورا "گل" ٿيا پيدا چمن جي پڻ نزاڪت لئي.

☆

Marfat.com

# نعت

جهالت جي انڌيرن ۾ ٿيو نور هديٰ پيدا،
رسول مجتبيٰ عربي محمد مصطفيٰ پيدا.
رسول هاشمي عربي خدا طرفان عنايت آ،
خدا جو قيمتي تحفو ٿيو نور خدا پيدا.
ٻڌيو سڀ ڪان نبي اڳ هو مگر آيو آ آخر ۾،
زماني آخري خاطر ٿيو آ رهنما پيدا.
ڪئي هر هڪ نبي بيشڪ امامت پنهنجي قومن جي،
نبي عربي ٿيو آهي امام الانبياءَ پيدا.
نبيءَ کان اڳ ڪيو ظلمات هو گهيرو جهانن کي،
انهي اونداهه ۾ حق جي ڪئي قادر ضيا پيدا.
رسول الله جي صدقي بشر ٿيو افضل و اشرف،
ٿيو انسان جي عزو شرف لئي پيشوا پيدا.
محمد جي ڪري پيدا ٿيا جنسار جنت جا،
محمد مصطفيٰ خاطر ٿيا آدم حوا پيدا.
محمد جي ڪري خلقيو خدا آهي محبت کي،
انهي کان پوءِ محبت جا اجها ٿيا جا بجا پيدا.
محمد آ ڏني آٿت ڏکايل درد مندن کي،
ڪريمن جي شڪل ۾ ٿي دوا پيدا شفا پيدا.
محمد کي ٻڌايو رب، شفيع المذنبين شافع،
بلاشڪ ٿيو اسان لئي شافع روز جزا پيدا.
محمد جي ڪري عرش و زمين ٿيا آسمان پيدا،
محمد جي ڪري سرهي ڪئي "گل" آ فضا پيدا.

☆

Marfat.com

# نعت

پلاري جي ولادت جي خوشي اڄ جا بجا آهي،
خدا جي دوست دلبر لاءِ اڄ صد مرحبا آهي.

محمد جي حقيقت کي خدا سمجهي، خدا ڄاڻي،
سندس ڇا ابتدا آهي سندس ڇا انتها آهي.

محمد جي ڪري پيدا ٿيا جن و ملڪ آهن،
محمد باعث تخليق آدم ۽ حوا آهي.

خدا جي ڪبريائي کي ڪيائين ملڪ ۾ قائم،
تڏهن اڄ هر طرف "الله اڪبر" جي صدا آهي.

قمر ٽڪرا ڪري ڏيکاريائين معجزو جڳ کي،
خدا جي اذن سان مخلوق جو فرمان روا آهي.

محمد دين دنيا جا سيئي رستا ڇڏيا کولي،
اهو ئي دين ۽ دنيا سندو راهه نما آهي.

ٻڏل ٻيڙا ٻه تاريا جنهن وري مرده جياريا جنهن،
نه ٿيو دنيا ۾ پيدا ايئن مسيح و ناخدا آهي.

ڪڏهن منزل مديني ۾، ڪڏهن اقصيٰ ۾ آ جاني،
ڪڏهن دلبر ڪيو دورو وڃي عرش عليٰ آهي.

زمين آهي محمد لئي فلڪ پڻ آ انهي خاطر،
قسم الله جو هي عظمت ارض و سما آهي.

محمد جي لڳي لاري پريم دامان رحمت سان،
محمد جي ڪري بهتر بڻي هر دوسرا آهي.

عقيدت جا سمورا "گل" انهي تان جان نثار آهن،
ڪڏهن جنهنجي ڪئي رومي ڪڏهن سعدي ثنا آهي.

☆

# نعت

پلارو پرجهلو رحمت ڪرم جو گهر محمد آ،
اسان عاصين اپوجهن واسطي آڌر محمد آ.

رسول الله رهبر جي نہ هم سر ڪو بشر ٿيندو،
نمايان خلق ساري ۾ عجب انور محمد آ.

نبي خود پي يتيم آهي يتيمن جو سهارو آ،
يتيمن جو اجهو آڌر پرين پرور محمد آ.

خدا جا جي نبي آيا هُيا سڀ مرتبن وارا،
انهن سارن نبين جو سچو سرور محمد آ.

فصاحت ۽ بلاغت سان پريل جنهنجي زبان آهي،
اهو قرآن جو قاري اهو گوهر محمد آ.

خدا پيدا ڪيا سارا نظارا مصطفيٰ خاطر،
اسان آهيون نبي خاطر، اسان خاطر محمد آ.

جتي سارا سهارا آسرا سڀ ڪان ٽٽي پوندا،
انهي اوکي محل جو آسرو واهر محمد آ.

محمد جي حيا جهڙو حيا ڪنهن اک اندر ڪونهي،
سين ڪان وڌ حيا ۽ حلم جو پيڪر محمد آ.

جهنم ڪان بچڻ خاطر نبي جي پيروي ڪريو،
بهشتن ۾ رسائڻ لئي رڳو رهبر محمد آ.

نبيءَ سان دل سندو رشتو ڳنڍڻ بهتر عبادت آ،
ٻڌو يارو ! توجهہ سان سندم دلبر محمد آ.

محمد آ خدا جي رحمتن جو بحر بي ساحل،
مليو "گل" کي خدا جي قرب جو مظهر محمد آ.

☆

Marfat.com

# نعت

ٻڌايان ڇا؟ اوهان کي مان جمال مصطفيٰ ڇاهي؟
پڇو الله کان يارو ! ڪمال مصطفيٰ ڇاهي؟
نبي شان عبوديت ۾ ڪامل بي نظير آهي،
محمد بي مثال آهي، مثال مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد جي حياتي جو قسم رب جت ڪنيو آهي،
انهيءَ قرآن ۾ پڙهجي خصال مصطفيٰ ڇاهي؟
اميرن کان امير آهي فقيرن ۾ فقير آهي،
سندس جلوا ڏسي سوچو ! جلال مصطفيٰ ڇاهي؟
ڏسو اخلاق عربي جا پڙهو سيرت سونهاري جي،
پڇو قرآن کان هر هر ته حال مصطفيٰ ڇا هي؟
محمد جي حديث آهي اتم مرجان موتي کان،
پڇي الله کان ڏسجي ته قال مصطفيٰ ڇاهي؟
ڪيو معراج مرسل آ وڃي عرش معليٰ تي،
خدا جي ذات کان پڇجي وصال مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد جي رضا ۾ آ رضا رب پاڪ جي رکيل،
پڙهي فرقان ۾ ڏسجي خيال مصطفيٰ ڇاهي؟
محمد تي نه مک ويني نه ئي پاڇو زمين تي پيو،
زمين کي ڪا خبر ڪانهي ظلال مصطفيٰ ڇاهي؟
گهريو جيڪو سچي سيد تيو مقبول مولا وٽ،
قبوليو جو نه قادر سو؟ سوال مصطفيٰ ڇاهي؟
هزارين "گل" هميشه لئي ڪجن قربان دلبر تان،
وڃي ڪرب و بلا کان پڇ ته آل مصطفيٰ ڇاهي؟

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ آهين، رسول مجتبيٰ آهين،
سڀني مخلوق ۾ رب جو پيارو دلربا آهين.
خدا جي طاعت و تسليم جو مظهر بڻيل آهين،
ڪيل "قالوا بليٰ" جي قول جو وعدو وفا آهين.
نہ آدم ٿيو هيو پيدا، حوا پڻ ڪانہ هئي جڳ ۾،
انهن کان اڳ نبوت ۾ تون ختم الانبياءَ آهين.
خدا جي خلق ساري ۾ مٿاهون مان تنهنجو آ،
امام الصالحين آهين، امام الاصفياءَ آهين.
حسينان دو عالم ۾ سمورن کان حسين آهين،
خدا جو رنگ و بو آهين، وري خلق خدا آهين.
سوين محمود ويا گذري ڇڏي پنهنجي ايازن کي،
مگر تون مستقل بڻيل حبيب ڪبريا آهين.
جهالت جي سمونڊن ۾ ٻڏل ٻيڙا بہ تاريا تو،
خدا جي خلق جا رهبر ـ مڪمل ناخدا آهين.
بڻين ظاهر ۾ اُمي پر حقيقت ۾ معلم آن،
مدرس با وقار آهين هدايت يافتہ آهين.
ملي توکان شفا ٿي پئي تڏهن تو وٽ اچون ٿا پيا،
تون روحاني ۽ جسماني مريضن لئي دوا آهين.
اچي تو در سوالي جو ڇڏين تنهنکي نہ خالي تو،
خدا کان بعد دنيا ۾ تون ئي بحر سخا آهين.
سڀني گلزار عالم ۾ تو وانگر "گل" نہ ٿيو پيدا،
سڀني سرهاڻ آ جنهن سان اهو گل خوشنما آهين.

☆

Marfat.com

# نعت

برابر ڪون تيو پيدا نبي جھڙو جميل آھي،
نبيءَ جي سونھن صورت ۾ رکيل حسن جليل آھي.
صفي الله تيو ڪوئي، نجي الله يي بڻيو،
محمد پر خدا جو خاص تيو دلبر خليل آھي.
محمد جي محبت ۾ ڏنوسون آل ياسر ڪي،
سميہ سر سھائي تي شھادت سان رحيل آھي.
ڏنو ڦاھي مٿان سرڙو خدا خاطر خبيب آخر،
خدا ۽ مصطفيٰ سان ھي محبت جو دليل آھي.
محمد جو شفاخانو سمورن لئي ڪليل آھي،
دوا سڀ کي ملي ٿي ھت، اچي جيڪو عليل آھي.
ڏنا چشم فلڪ آھن لکين داناءَ دنيا ۾،
مگر علم و عمل دانش ۾ عربي وڏ عقيل آھي.
لکين ماڻھن لکين رستا پسند پنھنجي سندا ڪوليا،
جھنم کان بچڻ لئي ھڪ نبيءَ وارو سبيل آھي.
غريبن بي ڪسن جو ھو بڻيو واھر وسيلو آ،
يتيم آمنا ھيڻن يتيمن جو ڪفيل آھي.
محمد جي ثنا سارھ ڪري انسان ٿو جيڪا،
قسم الله جو بيشڪ اھا بلڪل قليل آھي.
سدا نعت نبي ناھي پيو ٿو روح ريجھايان،
نلھن نڪرن سندي سارھ لکڻ مون لئي ثقيل آھي.
خدايا "گل" جي دل ۾ مصطفيٰ سان پيار قائم رک،
اھا ھن جي دعا آھي، اھا ھن جي اپيل آھي.

☆

Marfat.com

# نعت

امام المرسلين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو،
نبي العالمين جهڙو نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
برابر حسن يوسف کان ـ نبي عربي حسين آهي،
حسينن کان حسين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
نبي جي سر مبارڪ تي رکيو تاج شفاعت رب،
شفيع المذنبين جهڙو نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
عقيدت جي نظر سان جن ڏٺو سي دل ڦرائي ويا،
دلاور دل نشين جهڙو نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
سڄايا پير بيهي هن نوافل ۽ تهجد ۾،
امام المتقين جهڙو نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
محمد جي نبوت آ اڳي تخليق آدم کان،
نبي الاولين جهڙو نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
بلاشڪ قرب قيامت آ ـ نبي پي آخري آهي،
نبي الآخرين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
جهالت جي انڌيرن ۾ ـ پکيڙي روشني جنهن آ،
انهي نور مبين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
سچو صادق مصدق آ، پلو برتر امين آهي.
انهي صادق امين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
خدا خاطر ڇڏيو جنهن آ اباڻو ديس گهر پنهنجو،
مديني جي مڪين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.
نبيءَ جي "گل"! نزاڪت ڏس، محمد جي عبادت ڏس،
امام العابدين جهڙو ـ نہ ٿيو ڪوئي نڪي ٿيندو.

☆

Marfat.com

# نعت

نبوت آخري جنهن جي رسالت تا قيامت آ.
سندس حق ۾ ڏني هر شي وڏي واڪي شهادت آ.
ڏني عيسيٰ بہ خوشخبري، خليلي ٿي دعا پوري،
لڪيل توريت ۾ جنهنجي صداقت سان وضاحت آ.
خدا پنهنجي صحيفن ۾ محمد کي ڪيو ظاهر،
خدا بهتر ٿو ڄاڻي جا سندس عظمت ڪرامت آ.
لکي ويدن بہ خوشخبري نبي خير البشر خاطر،
لڪيل سيني ڪتابن ۾ محمد جي حڪايت آ.
نبي يعقوب ۽ يوسف نبي ادريس ۽ يونس،
سليمان جي محمد ڪئي وجاهت سان قيادت آ.
نبي موسيٰ، نبي عيسيٰ، نبي آ هود ۽ يحيٰ،
عزير الياس يوشع جي محمد ڪئي امامت آ.
شعيب و شيث پيغمبر ذبيح و زڪريا پي پر،
نبي اسحاق آدم کان وڏي هن جي شرافت آ.
نبي صالح، نبي دائود جي سهڻي سٺي ٻولي،
مگر هن جي زبان اندر اتم سڀ کان فصاحت آ.
برابر لوط پيغمبر نبي هارون پي آهي،
مگر محبوب مدني جي اتم سڀ کان رسالت آ.
مڃان ٿو نوح دنيا کي ڏنو پيغام پرور جو،
محمد جي رسالت جي وڏي ليڪن اشاعت آ.
پڙهيم قرآن ۾ ايوب ابراهيم جون دعائون،
بيان آ ذوالڪفل جو پر پلي هن جي بلاغت آ.
نبي اليسع پي آهي، نبي شموئيل پي آهي،
محمد جي متي جرجيس کان پي ٿي وجاهت آ.
محمد جي اطاعت آ تو پوءِ ايمان ڪامل آ،
اطاعت سان محبت گڏ، شفاعت جي ضمانت آ.
محمد جي ڪري هبڪار ٿيو پوري چمن ۾ آ،
محمد جي ڪري ئي "گل" اندر آئي نزاڪت آ.

☆

Marfat.com

# نعت

محمد مصطفيٰ بيشڪ امام الانبياءَ آهي،
اسان جو دلربا دلبر ـ حبيب ڪبريا آهي.

خليل الله گهري رب کان دعا جنهن جي اچڻ خاطر،
اهو مرسل محمد ئي نتيجه مدعا آهي.

ڇيو عيسيٰ، نبي احمد اچڻ وارو آ دنيا ۾،
ٻڌايان تو مان خوشخبري خدا جي هي قضا آهي.

هجي ڪو قيصرو ڪسريٰ نجاشي يا مقوقس پل،
مگر هن جي اڳيان هر ڪو گدا ابن گدا آهي.

اهو مرسل اتي پهتو جتي جبريل ويو رڪجي،
بلاشڪ عرش اعظم پي انهي جي زير پا آهي.

محمد جي رسالت کي سين کان اڳ قبوليو جنهن،
اهو صديق اڪبر صاحب صدق و صفا آهي.

گهري مرسل دعا جنهن لئي اهو حضرت عمر آهي،
عمر عادل جي شخصيت عدالت لئي ضيا آهي.

سخاوت ۽ حياداري اندر عثمان ڪامل آ،
ڏئي زر مال پنهنجو جنهن ڪيو راضي خدا آهي.

علي آ علم جو گوهر شجاعت ۽ شرف وارو،
علي فهم و فراست ۾ نرالو رهنما آهي.

نبيءَ سان نينهن جو ناتو نيائڻ هڪ سعادت آ،
انهيءَ ۾ ڇوٽڪارو آ اها رب جي رضا آهي.

محمد آ خدا جو "گل" محمد وڏ معطر آ،
انهي جي دين جي خوشبوءِ اڄ پي جا بجا آهي.

☆

Marfat.com

# نعت

جڏهن ويندين نبيءَ جي در تڏهن ڏسندين وفا ڇاهي،
اتي معلوم ٿي ويندئي محمد مصطفيٰ ڇاهي؟
خدا کان دور ٿيل غافل خدا ڏي موٽ ڪاءُ جلدي،
وٺي ڏس در محمد جو پتو پوندئي خدا ڇاهي؟
رضا رب جي گهرين ٿو جي ته راضي مصطفيٰ ڪي ڪر،
خدا قرآن ۾ ڪولي ڏسيو هن جي رضا ڇاهي؟
محمد جي نبوت جو نه ڪر انڪار اي پاڳل!
قيامت ۾ خبر پوندئي ته منڪر جي سزا ڇاهي؟
گناهن جي مريضن کي شفا ڪامل عطا جنهن ڪئي،
مريضن کان پڇي ڏس پل محمد جي شفا ڇاهي؟
ادب اخلاق جي پيڪر مروت حلم سيکاريو،
انهي ڪولي ٻڌايو غيرت و شرم حيا ڇاهي.
انهي پڌرو ڪيو بيشڪ حيات و موت جو مقصد،
ڪيو هن باخبر سڀ کي بقا ڇاهي فنا ڇاهي.
عبادت کان سواءِ "ماڻهو" ٿيڻ امڪان ۾ ڪونهي،
ڪٿي قرآن کي پڙهجي چيو رب العليٰ ڇاهي.
جهانن جا سيئي سهڻا ڪجن قربان هن "گل" تان،
سڄڻ جي سونهن تي سوچي ڏسو حسن خدا ڇاهي.

☆

Marfat.com

# نعت

گهڙي ترسو فرشتو! ڪو ڏيان پيغام دلبر ڏي،
خدا جي خاص پياري ڏي رسول الله رهبر ڏي.
ذرا بيهو ڏسو وينو لڪان ٿو نعت مرسل جي،
ڪريان ٿو منهن محمد مصطفيٰ ماهه منور ڏي.(١)
جڏهن "سيرت(٢) پڙهيم منهنجي لڳي دل يار مدني سان،
گهران ٿو ياخدا ! مونکي سچو عشق پيغمبر ڏي.
لکيو مون "رهبر اعظم"(٣)وري پيو "رهبر ڪامل"(٤)
لکيم قرآن مان سيرت (٥) اجا توفيق پرور ڏي.
پڙهيو مون "سيد الڪونين"(٦) صادق سيالڪوٽي(٧) جو،
انهي ڪان پوءِ سندم رخ ٿيو مطالعي نور اطهر ڏي.
ڪيو "خطبات مدراس"(٨) آ متاثر وڏ ۾ وڌ مونکي،
ڇڏيو جنهن قلب کي موڙي پرين پياري پيمبر ڏي.
"صبا اچ واٽ ويندي عرض هي منهنجو گذاري ڇڏي"(٩)
پڙهان ٿو پيار مان هر هر ڇڪي ٿو ساهه سرور ڏي.
رکيم نالو محبت مان ڪتب خاني سندو "سيرت"(١٠)
وري ٻچڙو "مجاهد"(١١) يي ڪيم منسوب گوهر ڏي.
نبيءَ جي پاڪ سيرت تي وٺم سٺ سؤ ڪتاب آهن، (١٢)
ڪتابن جي پڙهڻ جي ياخدا توفيق هر هر ڏي.
لکيم هڪ نعت جي اندر نبيءَ جا چار سؤ نالا، (١٣)
انهي خاطر توجهه مون ڪيو آ شعر شاعري ڏي.
نبيءَ جي نعت جي صدقي مليو انعام صدرن (١٤) ڪان،
وڏو انعام محشر ۾ سڄڻ ساقيءِ ڪوثر ڏي. (١٥)
محمد جي ڪري جيڪا ڪئي مون شاعري آهي،
فرشتو سا ڪٽي جلدي وڃو محبوب پيڪر ڏي.

Marfat.com

وڃان دلبر نبيءَ ڏي ۽ ڪريان ڪو حج بيت الله، (١٦)
پئي تانگهي ۽ تاڙي تي سندم دل حج اڪبر ڏي.
تمنا آ وڃي گذري عمر ساري سعادت سان،
خدا ڪر موت ايمان سان شهادت دين خاطر ڏي.
رکيو آ نانءُ منهنجو "گل محمد شاهہ" گهر وارن،
اها مون لئي سعادت آ تيس منسوب انور ڏي.

☆☆

**حاشين جو تفصيل:**

(١) مون جڏهن بہ ڪائي نعت لکي آهي تڏهن منهن مديني ڏي ڪيو آهي.

(٢) رسول الله ﷺ جن جي زندگي مبارڪ جو احوال.

(٣) منهنجو لکيل ڪتاب جيڪو سيرت پاڪ تي سوالن جوابن جي صورت ۾ لکيل آهي ۽ بار بار ڇپبو رهي ٿو.

(٤) منهنجو لکيل ڪتاب، جنهن ۾ سيرت تي مقالا ۽ تقريرون موجود آهن.

(٥) منهنجو لکيل ڪتاب "سيرت رسول قرآن جي آئيني ۾" جيڪو ١٩٩١ع ۾ شايع ٿيو. جنهن کي نئين سر لکي تمام گهڻن اضافن ۽ نئين ترتيب سان ١٩٩٨ع ۾ "سيرت النبي قرآن جي آئيني ۾" جي نالي سان شايع ڪيو ويو. ان ڪان علاوه سيرت پاڪ تي هي ڪتاب بہ شايع ٿي چڪا آهن. (الف) رسالت مآب ﷺ (ب) طب نبوي (ج) مقدس زندگي جنهنجو قسم الله کنيو آهي (د) پاڪ تصويرون (ترجمو) (هہ) سچي سرور جو سنيهو / سيرت جو پيغام. (ترجمو)

(٦) ڪتاب "سيد الڪونين ﷺ اردو ۾ لکيل آهي جيڪو مون ١٩٧٦ع ۾ پڙهيو، جنهن جي مطالعي کان پوءِ سيرت پاڪ سان محبت پيدا وابستگي ٿي.

(٧) مولانا محمد صادق سيالڪوٽي جنهن ڪتاب "سيدالڪونين ﷺ" لکيو هو.

(٨) ڪتاب "خطبات مدراس" سيد سليمان ندوي جي سيرت تي ڪيل تقريرن جو مجموعو آهي. جيڪي هن ١٩٢٥ع ۾ مدراس ۾ ڪيون هيون. اصل ڪتاب اردو ۾ آهي پر هن جا انگريزي - عربي - فارسي - سنڌي ۽ پشتو وغيره ۾ بہ ترجما شايع ٿي چڪا آهن. جيڪي سيرت لائبريري شهدادڪوٽ ۾ موجود آهن.

(٩) اهو مصرع مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي جي نعت جو مطلع آهي، جنهن کي

Marfat.com

مان گهڻو جهونگاريندو رهيو آهيان.

(١٠) منهنجي ذاتي لائبريري جو نالو "سيرت لائبريري شهدادڪوٽ" آهي.

(١١) منهنجو اڪيلو فرزند سيد محمد مجاهد الاسلام.

(١٢) سيرت لائبريري شهداد ڪوٽ ۾ هوئڻ ته پنجويهن هزارن کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن. پر صرف سيرت پاڪ جي موضوع تي نثر ۽ نظم ۾ ڇهه هزار ڪتاب موجود آهن. جيڪو هڪ رڪارڊ آهي.

(١٣) نعت "اسماءُ النبي ﷺ" جيڪا هن ڪتاب جي منڍ ۾ موجود آهي.

(١٤) مون کي نعتيه ڪتابن تي ١٩٩١ع ۾ سابق صدر پاڪستان غلام اسحاق خان، ١٩٩٣ع ۾ سابق قائم مقام صدر پاڪستان وسيم سجاد ١٩٩٥ع ۾ سابق صدر پاڪستان سردار فاروق احمد خان لغاري ۽ نثر ۾ سيرت تي ١٩٩٩ع ۾ سابق صدر پاڪستان محمد رفيق تارڙ صدارتي ايوارڊ ۽ نقد رقم انعام طور ڏني آهي. انهن کان علاوه ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو طرفان "بهترين نعت گو شاعر ايوارڊ" حسان نعت ڪائونسل سنڌ طرفان "حسن ڪارڪردگي ايوارڊ" ۽ ٻيا مختلف تنظيمن ۽ ادارن طرفان ڏهه ايوارڊ ملي چڪا آهن.

(١٥) اصل انعام جنت جو انتظار آهي جيڪا ان شاءَ الله محمد رسول الله ﷺ جن جي شفاعت جي نتيجي ۾ ملندي.

(١٦) مون ١٩٩٦ع ۾ عمرو ڪيو آهي باقي حج جو انتظار آهي. ان شاءَ الله حج به نصيب ٿيندو.

Marfat.com

# نعت

ثنا ڪهڙي ڪريان سردار جي،
مٺي مرسل خدا جي يار جي.

ڏٺي اسلام ۽ ايمان جنهن،
ٿٺي حالت ڇڏي ڪفار جي.

ڏسي الله کي جنهن روبرو،
حقيقت ڪئي عيان اسرار جي.

مٺي محبوب کي جنهن يي ڏٺو،
مبارڪ وئي ملي ڏاتار جي.

سين ڪان سرس آهي سونهن ۾،
ڪيان ڇا ڳالھ مان سينگار جي.

رهان توصيف تنهنجي ۾ سدا،
ملي توفيق شل گفتار جي.

زمين ۽ آسمان ۾ تو ڏسان،
ضيا هن مطلع الانوار جي.

وٺي محبوب منهنجي ڪا خبر،
ضعيفي حال ۾ بيمار جي.

پسان مان خواب ۾ پنهنجو پرين،
سعادت شل ملي ديدار جي.

ڏسان شل مان مدينو پوءِ مران،
زيارت ٿئي پرين جي پار جي.

"گل" و گلزار هن جي مان سدا،
اچي خوشبوءِ ٿي مهڪار جي.

☆

Marfat.com

# نعت

تنهنجي حسن ڪيو حيران سڀڻ،
توتان خلق سڀي قربان سڀڻ.

جن توکي ڏٺو سي حيران ٿيا،
تنهنجي الفت ۾ مستان ٿيا،
تنهنجي دين متان قربان ٿيا.
ڪيئي جن ملڪ انسان سڀڻ.

منهنجي دل جا سرور ۽ ساز پرين،
آهين خالق جو تون راز پرين،
توتي اهل زمين کي ناز پرين.
آ جبريل سندءِ دربان، سڀڻ.

منهنجو دين بہ تون ايمان بہ تون،
منهنجي دردن جو درمان بہ تون،
منهنجو بخشش جو سامان بہ تون.
منهنجي جيءَ سندا جانان، سڀڻ.

منهنجو تون ئي فقط دلدار منا،
توسان نينهن اٿم نروار منا،
توکان ڪيئن ٿيان پوءِ ڌار منا.
توسان الفت آ ايمان، سڀڻ.

پيدا تنهنجي ڪري ٿيا باغ چمن،
سنسار سڀي جا "گل" گلشن،
تنهنجي الفت جي پکي لات لنون.
تنهنجو اهڙو نرالو شان، سڀڻ.

☆

Marfat.com

# نعت

توکي شمس چوان يا ماهه پرين،
توکي نور ڇيو الله پرين.

توکي خالق جو شهڪار چوان،
يا رحمت جو مان ملهار چوان،
يا مان خلق سندو سردار چوان،
آهين شاهن جو ٻي شاهه پرين.

تو تعليم ڏني قرآن سندي،
توئي رمز ڏسي ايمان سندي،
تو آ راهه ڏسي رحمان سندي.
موڙئي دوزخ جو آڙاهه پرين.

تنهنجو حسن مٺا آ حسن خدا،
تنهنجو خلق پرين آ خلق خدا،
تنهنجو نور سڄڻ آ نور خدا.
تنهنجو ناهه خدا جو ناهه پرين.

تنهنجي رخ انور تان ماه لقا،
قربان ڪجن سيئي ارض وسما،
گهوريان باغ سڄي سنسار سندا.
توتان گهور ڪيان سر ساهه پرين.

توئي موهي مٺا مستان ڪيو،
تنهنجي حسن ڪٺي حيران ڪيو،
تنهنجي عشق پرين انسان ڪيو.
تون ۾ "گل" جو اهو ويساهه پرين.

☆

Marfat.com

# نعت

توتي نازل ٿيو قرآن مٺا،
توسان راضي ٿيو رحمان مٺا.

تنهنجو شان عجب، قرآن عجب،
تنهنجو مولا ڪيو آ مان عجب،
آهين رحمت جو باران عجب.
تنهنجو فيض عجب فيضان مٺا.

اي سهڻا سڄڻ تنهنجو نام مٺو،
تنهنجو دين سچو اسلام چڱو،
تنهنجو امت تي اڪرام ڀلو.
تو آ پيش ڪيو فرقان مٺا.

اي عالي نسب ! سرڪار نبي!
اي ماه لقا ! منٺار نبي !
اي غمگينن جا غمخوار نبي!
تو سڀ تي ڪيا احسان مٺا.

جن توکي مڃيو سي صديق ٿيا،
تو سهڻي سڄڻ جا سي رفيق ٿيا،
سارا پاڻ ۾ پاڻ شفيق ٿيا.
آهين سيني جو سلطان مٺا.

تنهنجي مهڪ مٺا! مهڪار ڪيو،
هڪڙي "گل" مان تو گلزار ڪيو،
تنهنجي گلشن وڏ هبڪار ڪيو.
تنهنجو قائم آ بستان مٺا.

☆

Marfat.com

# نعتيہ مسدس

(١)

خدا خالق اڪيلو آ، سوا هن جي خدا ڪونهي،
محمد مصطفيٰ جهڙو ڪٿي بيو "مصطفيٰ" ڪونهي،
رسول الله رهبر جي ڪو همسر رهنما ڪونهي،
مٺي مدني سواءِ ڪنهن بيو حبيب ڪبريا ڪونهي.
اهوئي مصطفيٰ پنهنجو سچو سردار آقا ٿيو،
سڄي مخلوق ۾ سڀ کان اسان جو بخت بالا ٿيو.

محمد جي ڪري خلقيو خدا سارو جهان آهي،
محمد جي ڪري شمس و قمر ۽ ڪهڪشان آهي،
محمد جي ڪري قائم زمين و آسمان آهي،
محمد جي ڪري مولا سين تي مهربان آهي.
محمد جي ڪري دنيا ۾ حق جي روشنائي آ،
محمد جي ڪري جڳ جي خدا رونق وڌائي آ.

محمد جي ڪري پيدا ٿيا حسن و حسين آهن،
محمد جي ڪري پيدا ٿيا سڀ مہ جبين آهن،
محمد جي ڪري دلبر دلاور دل نشين آهن،
محمد جي ڪري بڻيا بشر ئي بهترين آهن.
محمد جي ڪري پيدا ٿيو سهڻو گلاب آهي،
محمد جي ڪري حسن و جمالِ ماهتاب آهي.

محمد مصطفيٰ ڇايو ڪيون عيدون زمين وارن،
نبي نورالهديٰ ڇايو ڪيون عيدون زمين وارن،
حبيب ڪبريا ڇايو ڪيون عيدون زمين وارن،
امام الانبياءَ ڇايو، ڪيون عيدون زمين وارن.
زمين و آسمان ئي خوش، ٿيا خوش گلستان آهن،
محمد جي ولادت تي ٿيا خوش سڀ جهان آهن.

Marfat.com

محمد جي ڪري سرها ٿيا ارض و سما آهن،
محمد جي ڪري افضل ٻڌيا آدم حوا آهن،
محمد ڪان محبت جا وڌيا سڀ سلسلا آهن،
سندس اخلاص سان ٻڌيا پراوا آشنا آهن.
انهي جي ذات رحمت آ، محبت پيار شفقت آ،
انهي کي پنهنجي امت سان امڙ ڪان وڌ محبت آ.
محمد تي لٿو الله جو اعليٰ ڪتاب آهي،
اهو ڪامل هدايت جو منور ماهتاب آهي،
اهو ايئن خوبصورت آ، جيئن سهڻو گلاب آهي،
خدا جي قدرتن جو رنگ جنهن ۾ بي حساب آهي.
ٻڌو قرآن جنهن دل سان انهي ايمان آندو هو،
تلاوت جي ٻڌڻ خاطر اهو هرقت ماندو هو.
نبي صادق امين آهي، امام المتقين آهي،
نبي العالمين آهي، امام المرسلين آهين،
اهوئي صاحب الاسراءِ ويو عرش برين آهي،
"لواءَ الحمد" جو صاحب شفيع المذنبين آهي.
اهو قرآن جو حافظ اهو طٰسٓ پيي آهي،
اهو قرآن جو قاري اهو يٰسٓ پيي آهي.
اسان جو آ نبي اشرف اسان جو آ نبي افضل،
اسان جو آ نبي اجمل اسان جو آ نبي اڪمل،
انهي آئي مليو الله طرفان دين حق ڪامل،
اهو آ دين جو داعي اهو آ آخري مرسل.
انهيءَ جي ذات اقدس تي مڪمل هر نبوت تي،
سڄي دنيا جي لئي هن جي رسالت تاقيامت تي.

Marfat.com

رکو الفت محمد سان ڪريو ساراھ سيد جي،
وٺو دامان دلبر جو ڏسو درگاھ سيد جي،
جھالت جون ڇڏيو واٽون وٺو ھڪ راھ سيد جي،
اڪيون ڏاريو ادب واريون ڪريو ساجاھ سيد جي.

محمد کي سڄاتو جنھن، سڄاتو تنھن خدا آھي،
انھي انسان سان شامل خدا جي تي رضا آھي.

محبت سان پڪيڙيو جنھن محمد جو پيام آھي،
انھي تي موڪليو پرور فرشتن سان سلام آھي،
محمد جي غلامن ۾ لکايو جنھن بہ نام آھي،
اتم جمشيد دارا ڪان نبي جو سو غلام آھي.

محمد مصطفيٰ دنيا ۾ ٻڌجي جنھن جو ھم دم تو،
انھي کي خوف ڪونھي قبر محشر ۽ جھنم جو.

محمد جي غلامي ۾ گذاريندين تہ خوش ٿيندين،
انھي جي عشق ۾ ڳوڙھا جي ھاريندين تہ خوش ٿيندين،
پڙھي قرآن جي دلڙي جياريندين تہ خوش ٿيندين،
اگر پنھنجو خوشي سان نفس ماريندين تہ خوش ٿيندين.

خدا توکي ڪندو داخل ھميشہ لاءِ جنت ۾،
اھو نڪتو نظر آيو نبيءَ جي پاڪ سنت ۾.

محمد ئي ٻڌايو آ جھانن کي خدا ڇاھي؟
بقا ڇاھي؟ فنا ڇاھي؟ جزا ڇاھي؟ سزا ڇاھي؟
ھديٰ ڇاھي؟ سخا ڇا آھي؟ عطا ڇاھي؟ رضا ڇاھي؟
وفا ڇاھي؟ قضا ڇاھي؟ محبت ۽ جفا ڇاھي؟

نبيءَ جي "گل" ڪيو گلزار آ ويران وادين کي،
محبت سان سڌاريو جنھن وڏن ڦورن فسادين کي.

☆

Marfat.com

(٢)

محمد مصطفيٰ آهي، رسول مجتبيٰ آهي،
امام الانبياءَ، نور الهديٰ، خير الوريٰ آهي،
اسان جو راهبر ۽ رهنما ۽ پيشوا آهي،
حبيب ڪبريا ۽ شافع روز جزا آهي.
خدا هرگز نہ آهي پر خدا جو دلربا آهي،
خدا کان بعد، سڀ کان وڏ اهو اعلي عليٰ آهي.
سڀني مخلوق کان هي شان شوڪت ۾ اتم آهي،
انهي جو مرتبي وارو سمورن تي قدم آهي،
انهي جي زندگيءَ جو خود ڪنيو قادر قسم آهي،
اهو دنيا سڄي خاطر بڻيو لطف و ڪرم آهي.
شب معراج ۾ سائين سفير آسمان ٿيو هو،
انهيءَ جو پيار الفت سان خدا خود ميزبان ٿيو هو.
محمد جي پڙهو سيرت تصور ۾ ڏسو صورت،
انهي جي ذات ۾ ايندي نظر الله جي قدرت،
ڪريو ان ذات جي تعظيم ۽ تڪريم ۽ عزت،
رکي ان سان بلالي عشق پوءِ ڪريو سندس طاعت.
سندس عاشق ۽ پيروڪار جي عزت خدا وٽ آ،
انهي کان جو ڦريو تنهن لئي وڏي ذلت خدا وٽ آ.
محمد جا هدايت ڪئي، خدا جي سا هديٰ آهي،
محمد جي رضا الله سائين جي رضا آهي،
سندس جودو ڪرم الله جو لطف و عطا آهي،
انهي سان هر وفاداري خدا سان هر وفا آهي.
نبيءَ کان جو جدا ٿيندو خدا کان ٿي پري ويندو،
نبيءَ سان بي وفا ٿيندو تہ ذلت سان پيو لوڙيندو.

Marfat.com

نبيءَ جو مان ۽ منصب بلند آهي جهانن ۾،
انهي جي شان جو پڙلاءُ ٻڌجي ٿو زمانن ۾،
هلي ٿو تذڪرو ان جو سمورن آسمانن ۾،
انهيءَ جو ذڪر جاري آ نمازن ۽ اذانن ۾.

محمد کي مليو "محمود" نالي ٻي بها منبر،
انهي سان گڏ مليو ان کي مبارڪ چشمهٔ ڪوثر.

محمد جي برابر ڪوبہ دنيا ۾ بشر ڪونهي،
نبيءَ جي نور جي مٿ ڪهڪشان ۾ شمس و قمر ڪونهي،
زبان مصطفيٰ وانگر زبان ڪنهن ۾ اثر ڪونهي،
خدا جي رحمتن جو ڪو وسيو ان جان ڪڪر ڪونهي.

خدا جي رحمتن جو هي جهانن لئي سحاب آهي،
خدا اهڙو ڪيو پيدا؟ سوال ئي لاجواب آهي.

رسالت ۽ نبوت ۾ منو مرسل قديم آهي،
نبين تاجدارن ۾ اهو افضل عظيم آهي،
حليم آهي، حڪيم آهي، ڪريم آهي، ڪليم آهي،
عنايت لطف جو پيڪر رئوف آهي رحيم آهي.

خدا جي خلق ساري ۾ نبي سڀ کان نرالو آ،
رکيو ڏاڍي پلو جنهن جو محمد واهه ! نالو آ.

محمد ئي مبشر آ بشارت ۽ بشير آهي،
خدا جي منڪرن ڪارڻ اهو منذر نذير آهي،
اميرن کان امير آ پر خدا آڏو فقير آهي،
نصير آهي وسيلو آ. دکيل دل ئي سنذير آهي.

سهارو واهرو آهي اڙين آڌار احمد آ.
ابوجهن بي ڪسن هيڻن سندو غمخوار احمد آ.

☆

محمد مصطفيٰ خالق سندو خالص خليل آهي،
سندس سيرت ۽ صورت ۾ تڏهن حسن جليل آهي،
اهوئي علم ڏاهپ ۾ وڏو عالم عقيل آهي،
اهو همدرد هيڻن جو يتيمن جو ڪفيل آهي.

انهي جي پيروي آهي برابر دين جي دولت،
اها دولت رکڻ خاطر ڪپي ان سان سچي الفت.

رسول هاشمي عربي شفيقن کان شفيق آهي،
سندس شفقت ۽ رحمت ۾ نہ ساڻس ڪو فريق آهي،
اهو ئي ٻن جهانن ۾ ٽيو جنهنجو رفيق آهي،
اهو ٻانهو جهنم جي عذابن کان عتيق آهي.

پتو پوندو قيامت ۾ محمد جي رفاقت جو،
جڏهن ظاهر اثر ٿيندو محمد جي شفاعت جو.

محمد جو ڇڏڻ رستو وڏي سڀ کان جهالت آ،
محمد کان پري جو ٿيو اها ان جي حماقت آ،
محمد جي اطاعت کان ٿيڻ غافل شقاوت آ،
محمد جي مخالف سان خدا کي پي عداوت آ.

نبيءَ کان جو پري ٿيندو ڪري ويندو نہ ڪي نهندو،
سدائين باهہ دوزخ ۾ پيو سڙندو پيو سڙندو.

محمد مصطفيٰ کي مون ڏٺو دل جي نگاهن ۾،
بدن ۽ ساهہ ۾ پي ۽ ڏٺم من جي صدائن ۾،
ڏٺم ورد و وظائف ۾ صلاتن ۽ سلامن ۾،
معطر مشڪ عنبر ۾ ۽ گلڙن جي ادائن ۾.

خدا جي نام سان شامل ڪيل هي نام آ ڪنهنجو؟
پلا ڪلمي اذانن ۾ لکيل هي نام آ ڪهنجو؟

☆

Marfat.com

محمد جي غلامي ۾ رهڻ بهتر مقدر آ،
سندس ادنيٰ غلامن کان گهٽ گهڻ هر سڪندر آ،
سمورن بادشاهن کان اتم هن جو گداگر آ،
نبي جي در سندو نوڪر حقيقت ۾ تونگر آ.

محمد جي غلامي ۾ کلي ٿي راهه جنت جي،
ڪلام الله ثابت ڪئي اسان آڏو حقيقت هي.

محمد تي پڙهڻ صلوات دردن جي دوا آهي،
درود ۽ سلامن ۾ رکيل بلڪل شفا آهي،
فرشتن جو طريقو آ اها راهه هديٰ آهي،
صلواتون تا پڙهون ڇاڪاڻ جو حڪم خدا آهي.

انهي صلوات ۾ هر درد جو درمان آ يارو!
خدا طرفان عنايت جو اهو سامان آ يارو!

مديني جي معطر ڪئي خدا ساري فضا آهي،
مديني جي مٽي بهتر بڻي خاڪ شفا آهي،
مدينو درد وارن جي دلين خاطر دوا آهي،
مديني ۾ رهان هر وقت هي دل جي صدا آهي.

تئي شل موت مرسل وٽ ڪري اهڙو خدا موقعو،
سعادت هي تئي حاصل، تئي اهڙو عطا موقعو.

محمد سان وفاداري سعادت ئي سعادت آ،
محمد جي اطاعت پاڪ پرور جي اطاعت آ،
نبيءَ سان نينهن جو ناتو ڳنڍڻ رب جي عنايت آ،
محمد جي محبت کان سواءِ ناقص عبادت آ.

اهو ئي "گل بخاري" جو پيارن لئي پيام آهي،
اها دعوت انهي جي هر گهڙي هر صبح شام آهي.

☆

Marfat.com


# سيد گل محمد شاهہ بخاري جا ڇپيل ڪتاب

(۱) رهبر اعظم ﷺ ـ (۱۹۸۹ع) سيرت پاڪ سوالن جوابن ۾
(۲) تاريخ جا ٻہ ورق (۱۹۸۹ع) ٻن تاريخي واقعن جو تقابلي مطالعو
(۳) اسلام دنيا جي ممتاز ڏاهن جي نظر ۾ (۱۹۹۰ع) ترجمو
(۴) پيغمبري فرمان (۱۹۹۰ع) ۵۲ درس احاديث
(۵) ذڪر رسول ﷺ (۱۹۹۰ع) نعتيہ شاعري ـ صدارتي ايوارڊ يافتہ
(۶) تعارف القرآن (۱۹۹۱ع) قرآن مجيد بابت معلومات سوالن جوابن ۾
(۷) سرور عالم ﷺ (۱۹۹۱ع) ۵۲ اکرن مطابق نعتيہ ديوان صدارتي ايوارڊ يافتہ
(۸) درس حديث (ننڍو) (۱۹۹۱ع) ـ ۶۰ درس احاديث
(۹) رهبر ڪامل ﷺ (۱۹۹۱ع سيرت تي مقالا ۽ مضمون
(۱۰) سيرت رسول قرآن جي آئيني ۾ ـ (۱۹۹۱ع)
(۱۱) سيد المرسلين ﷺ (۱۹۹۱ع) حمديہ ۽ نعتيہ شاعري
(۱۲) شهداد ڪوٽ جو علمي جائزو (۱۹۹۲ع)
(۱۳) فڪر حبيب (۱۹۹۲ع مولانا حبيب الله شهدادڪوٽيءَ جو ڪلام ترتيب)
(۱۴) پاڪ تصويرون (۱۹۹۳ع) سيرت پاڪ جا واقعا (ترجمو)
(۱۵) نبوي دعائون (۱۹۹۳ع)
(۱۶) قرآن جا چار بنيادي اصطلاح (۱۹۹۳ع) رب الـہ عبادت ـ دين (ترجمو)
(۱۷) سبحان جي ساراهہ (۱۹۹۳ع) ۵۲ اکرن مطابق حمديہ ديوان
(۱۸) سيرت جو پيغام (۱۹۹۳ع) ترجمو
(۱۹) طب نبوي (۱۹۹۴ع)
(۲۰) ثناءِ محمد ﷺ نعتيہ شاعري صدارتي ايوارڊ يافتہ
(۲۱) صراط مستقيم (۱۹۹۴ع) ريڊيو تقريرون ـ مضمون ـ مقالا
(۲۲) مدح رسول ﷺ (۱۹۹۵ع) مولانا محمد يوسف شهدادڪوٽي جو ڪلام (ترتيب ۽ مقدمو)

Marfat.com

(۲۳) ديوان گل بخاري (۱۹۹۵ع) ستر رديفن تي غزليہ ديوان.
(۲۴) ڪلام رسول ﷺ (۱۹۹۶ع) دل کي نرم ڪرڻ واريون حديثون
(۲۵) سچي سرور جو سنيهو (۱۹۹۷ع) ترجمو
(۲۶) اسلام جي دعوت ۽ ان جو طريقو (۱۹۹۷ع) ترجمو
(۲۷) آب ڪوثر (۱۹۹۷ع) ۵۲ اکرن تي مشتمل نعتيہ ديوان
(۲۸) صلي الله عليہ وسلم (۱۹۹۷) درود و سلام جو منظوم مجموعو
(۲۹) سيرت النبي ﷺ قرآن جي آئيني ۾ (۱۹۹۸ع) صدارتي ايوارڊ يافتہ
(۳۰) درس حديث (وڏو) (۱۹۹۸ع) ۸۰ درس احاديث
(۳۱) پيغمبري حديثون (۱۹۹۹ع) ايمان - اسلام - شرڪ. نفاق بابت حديثون
(۳۲) سنڌي ۾ حديث نگاري (۱۹۹۹ع)
(۳۳) شهدادڪوٽ جا قلم ڪار ۽ شاعر (۲۰۰۰ع)
(۳۴) تحريڪي ڪارڪنن جا پاڻ ۾ تعلقات (۲۰۰۰ع)
(۳۵) درس قرآن جا بنيادي اصول (۲۰۰۱ع)
(۳۶) قدسي حديثون (۲۰۰۲ع)
(۳۷) اذڪار النبي ﷺ (۲۰۰۳ع) دعائن جو جامع ڪتاب
(۳۸) رسالت مآب ﷺ (۲۰۰۴ع) سيرت پاڪ تي تقرير
(۳۹) سچڻ ۽ ساٿيهہ (۲۰۰۵ع) رشيد خانواهي جو ڪلام (ترتيب مقدمو)
(۴۰) شهدادڪوٽ ضلعو ڇو؟ (۲۰۰۵ع)
(۴۱) مقدس زندگي جنهن جو قسم الله کنيو آهي. (۲۰۰۶ع)
(۴۲) تذڪرة الرسول ﷺ (۲۰۰۶ع) نعتيہ شاعري

Marfat.com


صلی اللہ علیہ وسلم
تذکرۃ الرسول
سید گل محمد شاہ بخاری
297.9921
م 28 شت
80362

Marfat.com